
آن لائين
# ڪاوش
# دنيا
آچر 6 اپريل 2025ع
www.thekawish.com - facebook.com/kawishdunya



پاڻيءَ جي کوٽ، سوڪهڙو ۽ وڌندڙ گرمي پد



موري جو ماڻهو



مغربي مصوريءَ جا مختلف دؤر



صحت جو عالمي ڏينهن



حسين آباد، حيدرآباد وٽان سنڌوءَ جو سڪُل پيٽ (تصوير اي پي پي، مئي 2023)

## ايندڙ ڪجهه ڏينهن ۾ اترين علائقن ۾ برساتون پوڻ گليشيئرس جي پِگهرجڻ سان پاڻيءَ جي ذخيرن ۾ بهتريءَ جي اميد آهي

# پاڻيءَ جي کوٽ، سوڪهڙو: وڌندڙ گرمي پد ۽ دنيا ۾ ٻيلن کي لڳندڙ باهيون



امين قريشي

سياري جي مختصر برساتن ملڪ ۾ جهڙيءَ ريت سوڪهڙو آندو آهي، ۽ ڊيمن جي گهربل سطح کي هيٺ آندو (ترو وترايو) آهي، ان خريف جي فصلن جي پوکيءَ لاءِ پاڻيءَ جي بحران کي جنم ڏنو آهي. گهٽ برساتن (ملڪ جي 67 سيڪڙو برساتن جي کوٽ مان سنڌ ۾ 90 سيڪڙو کوٽ رهي) ربيع جي ڪٽڪ کي اڳ ئي متاثر ڪيو آهي. پاڻيءَ جي کوٽ سبب خريف ۾ اڳاٽي وونئڻ جي پوک بہ متاثر ٿي آهي. باراني علائقا، جتي پوکيءَ جو دارو مدار آهي ئي برسات تي ۽ اتي جا جر بہ برسات تي ريچارج ٿيندا آهن، اهي بہ وڏيڪ متاثر ٿي رهيا آهن.

مٿان وري 27 مارچ تي پاڪستان ميٽرولاجيڪل اداري اڳڪٿي ڪئي آهي تہ، هلندڙ پاڻي جي کوٽ نہ صرف پوکيل فصلن کي متاثر ڪندي پر بيمارين جو ڦهلاءُ پڻ ٿيندو. ساڳئي وقت جهنگلي جيوت بہ متاثر ٿيندي ۽ شهر سخت گرمي (heat waves) جا شڪار ٿيندا. چوجو ايندڙ ڏينهن ۾ گرمي پد ۾ سراسري طور تي 3 کان 5 ڊگري سينٽي گريڊ جي واڌ جو امڪان آهي. (گرميءَ جا اثر ٻهراڙين تي بہ سخت پوندا، ڇاڪاڻ جو ٻهراڙين ۾ فصلن کي ملندڙ پاڻي گرمي پد کي معتدل ڪرڻ ۾ مدد ڪندو آهي، جيڪو انهن کي نہ ملي رهيو آهي).
پاڪستان ميٽرولاجيڪل اداري موجب ملڪ ۾ اپريل کان جون تائين 19.4 سيڪڙو برساتن جو امڪان هوندو آهي، جنهن جي گهٽ پوڻ جا امڪان آهن، ان ڪري جر جي استعمال تي وڏيڪ بار پوندو، جيڪو اڳ ئي گهٽي

پاڪستان ميٽرولاجيڪل اداري موجب ملڪ ۾ اپريل کان جون تائين 19.4 سيڪڙو برسات جو امڪان هوندو آهي، جنهن جي گهٽ پوڻ جا امڪان آهن. ان ڪري جرجي استعمال تي وڏيڪ بار پوندو. جيڪو اڳ ئي گهٽ دٻاءَ هيٺ آهي. هنن مئي مهيني ۾ سمنڊ جي گرمي پد جي وڌڻ سبب ساموندي طوفان جي پيدا ٿيڻ واري امڪان جي به ڳالهه ڪئي آهي. ٻئي طرف ايندڙ ڏينهن ۾ اترين علائقن ۾ برسات جا امڪان به آهن. جن سان پاڻي جا معاملا ڪجهه بهتر ٿيندا. ساڳئي وقت وڌندڙ گرميءَ سبب گليشرس واري برف جي ڳرڻ جا به امڪان آهن. جنهن سان پاڻيءَ جي ذخيرن ۾ بهتريءَ جي اميد آهي. پاڻ ڪي خبر آهي ته. سنڌوءَ جو وهڪرو گليشيئرس تي ڪِريل برف جي ڳرڻ ۽ برسات جي پوڻ تي هوندو آهي.



دٻاءَ هيٺ آهي. هنن مئي مهيني ۾ سمنڊ جي گرمي پد جي وڌڻ سبب ساموندي طوفان جي پيدا ٿيڻ واري امڪان جي به ڳالهه ڪئي آهي. ايندڙ ڏينهن ۾ اترين علائقن ۾ برسات جا امڪان به آهن. جن سان پاڻي جا معاملا ڪجهه بهتر ٿيندا. ساڳئي وقت وڌندڙ گرميءَ سبب گليشرس واري برف جي ڳرڻ جا به امڪان آهن. جنهن سان پاڻيءَ جي ذخيرن ۾ بهتريءَ جي اميد آهي. پاڻ ڪي خبر آهي ته. سنڌوءَ جو وهڪرو گليشيئرس تي ڪِريل برف جي ڳرڻ ۽ برسات جي پوڻ تي هوندو آهي.

هن وقت تائين سوڪهڙي جي صورتحال وچولي سنڌ توڙي ڏکڻ سنڌ ۾ وڏيڪ خراب آهي. ساڳي وقت گرمي ۽ برسات ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪندڙ انسو توڙي انڊين اوشن ڊاءِ پول، نيوٽرل فيز ۾ هلي رهيا آهن.

دنيا هن وقت موسمياتي تبديلين جي شديد اثرن هيٺ مختلف بحرانن جي ور چڙهيل آهي. زرعي پيداوار ۽ زرعي روزگار جي گهٽتائي هڪ پاسي ته ماڻهن جي لڏپلاڻ وارو الميو ٻئي پاسي آهي. دنيا ۾ جتي گهڻا ٻيلا آهن، اتي برسات ۾ گهٽتائي، پاڻيءَ جي ڪوٽ، وڌندڙ گرمي ۽ خشڪ هوائون، باهين لڳڻ جو سبب بڻجي رهيون آهن، جيئن هن وقت ڏکڻ ڪوريا ۾ ٿي رهيو آهي، جتي هن سال برسات ۾ اڌو اڌ گهٽتائي ٿي آهي. ملڪ جا ٻيلا باهين جو شڪار ٿي ويا آهن. ڏکڻ ڪوريا ۾ هن دفعي باهيون لڳڻ جي واقعن جو تعداد ماضيءَ جي ڀيٽ ۾ ٻيڻو آهي، جتي هن وقت تائين 27 ماڻهن جي مرڻ جون خبرون آيون آهن. 37 هزار ماڻهن جي لڏپلاڻ ٿي آهي. 36 هزار هيڪٽر ٻيلا باهه هيٺ آهن. برسات جو گهٽ پوڻ، گرمي ۽ سوڪهڙي جو وڌڻ، تيز خشڪ هوائن جو لڳڻ اهي سڀ فيڪٽر ٻيلن ۾ باهين جي لڳڻ جو سبب بڻجن ٿا.

اهڙيءَ ريت گذريل ٻن ڏينهن کان آمريڪا ۾ ڪيرولينيا ۾ خشڪ ۽ گرم موسم ۽ تيز هوائن سبب باهين جو سلسلو شروع ٿي ويو آهي، جتي ايمرجنسي نافظ ڪندي ماڻهن کي علائقو خالي ڪرڻ جو چيو پيو وڃي. آمريڪا ۾ ته سائنسدانن هوڻئن به ٽرمپ جي ڪلائيميٽ چينج مخالف پاليسين کي نظر ۾ رکندي چيو آهي ته. آمريڪا ۾ 1960ع واري ڏهاڪي جيان هڪ دفعو وري تيزابي برساتون پوڻ جا امڪان وڌي ويا آهن. ڪوئلي جي صنعت خاص طور تي انهي ۾ مددگار هوندي آهي.

ڏٺو وڃي ته هن وقت ڪلائيميٽ چينج سبب مختلف ملڪن ۾ ماڻهو، کاڌخوراڪ جي لحاظ کان اڻ تحفظ ۽ لڏپلاڻ جو شڪار ٿي رهيا آهن. جيڪو دنيا لاءِ ڪنهن به لحاظ کان سٺو سوڻ ڪونهي. ■

# عالمي منظر نامو

## ميانمار ۾ زلزلو



جمع، 28 مارچ 2025ع تي ميانمار ۾ 7.7 شدت جو زلزلو آيو، جنهن ۾ فوت ٿيل ماڻهن جو تعداد چنچر ڏينهن بي بي سي 1600 کان مٿي ۽ زخمين جو تعداد 3000 کان مٿي ٻڌايو. اهو ملڪ جي گهڻن سالن ۾ سڀ کان وڏو سانحو بڻجي ويو آهي. بين الاقوامي امدادي تنظيمن متاثرن علائقن ۾ مدد پهچائڻ شروع ڪري ڏني آهي، جتي هزارين ماڻهو کلي آسمان هيٺ ۽ خوراڪ ۽ امداد جا منتظر آهن. حڪومت ۽ رضاڪار ادارا متاثرن جي سلسلي ۾ گهڻو دٻاءُ محسوس ڪري رهيا آهن، خاص ڪري پراڻهن علائقن بابت. عالمي برادري مدد لاءِ متحرڪ ٿي رهي آهي، پر امدادي ڪم ۾ رنڊڪون پڻ آڏيون آهن.

## ديامر ڀاشا ڊيم خلاف احتجاج ستين هفتي کان وڌي هليو



ديامر ڀاشا ڊيم جي خلاف احتجاج ائن هفتن کان جاري آهي. مقامي ماڻهو ڊيم جي تعمير سان زميني نقصان، معاوضي ۽ ماحولياتي اثرن تي تشويش ظاهر ڪري رهيا آهن. احتجاج ڪندڙن مطابق، سرڪاري وعدا پورا نه ٿيا آهن. ان تڪرار ۾ سياسي جماعتون به شامل ٿي ويون آهن، جيڪو معاملو صورتحال کي وڏيڪ پيچيده بڻائي رهيو آهي. اهو مسئلو علائقي جي استحڪام ۽ ترقي لاءِ اهم چيلنج بڻجي رهيو آهي.

ٻڍا درياهه ۾ ڏهاڪن کان پوءِ پاڻي جو وهڪرو بحال

پارت جي ٻڍا درياهه ۾ ڏهاڪن کان پوءِ صاف پاڻيءَ جو وهڪرو بحال ٿيو آهي، جيڪو 'سيچيوال ماڊل' جي ڪاميابي جو نتيجو ٻڌايو وڃي ٿو. راجيا سڀا ميمبر سنت بلبير سنگهه سيچيوال جي ڪوشش سان، درياهه ۾ گندو پاڻي داخل ٿيڻ کان روڪڻ لاءِ مختلف هنڌن تي بندوبست ڪيا ويا. 72 ڊيري فارمن کان نڪرندڙ ڪچرو ۽ گندي پاڻي جي نيڪال لاءِ پنجن ڳوٺن ۾ صفائي مهم هلائي وئي. 32 ڪلوميٽر علائقي کي صاف ڪيو ويو، جتي هاڻي صاف پاڻي وهڻ لڳو آهي. مقامي رهاڪن خوشي ۾ ڪاڏو ورهايو، جڏهن ته 35 سالن کان پوءِ پوکري خورد تائين صاف پاڻي پهتو.

## ويسٽرن يمنا ڪينال تي رِور فرنٽ ڊولپمينٽ منصوبو



يمنانگر_جگاڌري ميونسپل ڪارپوريشن ويسٽرن يمنا ڪينال جي ڪناري تي 4.5 ڪلوميٽر ڊگهي رِور فرنٽ ڊولپمينٽ منصوبي جو آغاز ڪيو آهي. اهو منصوبو "ديويه نگر رتا" تحت 128.78 ڪروڙ رپين جي لاڳت سان مڪمل ڪيو ويندو. ان ۾ باغات، پيادل رستا، سجاوٽ واري روشني، ۽ ڪچري جي مسئلي جو حل شامل هوندو. منصوبي سان پاڻيءَ جي معيار ۾ بهتري، تفريحي جڳهون، ۽ امن و امان کي بهتر بنائڻ ۾ مدد ملندي.

## هاري اڳواڻ جگجيت سنگهه ٻن مهينن کان بک هڙتال تي



پارتي پنجاب جي اڳواڻ جگجيت سنگهه ڊليوال جي مرڻ گهڙيءَ تائين بک هڙتال بابت پنجاب حڪومت ۽ احتجاج ڪندڙ آبادگارن ۾ تڪرار جاري آهي. حڪومت دعويٰ ڪئي آهي ته ڊليوال پنهنجي 123 ڏينهن جي بک هڙتال ختم ڪري ڇڏي آهي، جڏهن ته متحد هاري محاذ (غير سياسي) انهيءَ ڳالهه کي رد ڪندي چيو آهي ته ڊليوال اڃا تائين بک هڙتال تي آهي ۽ 19 مارچ کان پاڻي به نه پيتو آهي. آبادگارن جو چوڻ آهي ته حڪومت عدليا ۽ عوام کي گمراه ڪري رهي آهي. ڊليوال 26 نومبر کان بک هڙتال شروع ڪئي هئي ۽ صرف پاڻي پي رهيو هو. احتجاج ڪندڙ اڳواڻن مطابق، حڪومت جي غلط معلومات واري مهم خلاف عدالت ۾ حقيقتون پيش ڪيون وينديون. ■

## سڀاڻي 7 اپريل تي صحت جو عالمي ڏينهن آهي


**صحت جي عالمي اداري طرفان مهيا ڪيل انگن اکرن مطابق دنيا ۾ ساليانو 3 لک عورتون حمل ۽ ويم دوران پنهنجون حياتيون وڃائي ويهن ٿيون. لڳ ڀڳ 20 لک ٻار پيدائش جي هڪ مهيني اندر فوت ٿي وڃن ٿا ۽ 20 لک کن ٻار مئل پيدا ٿين ٿا.**

# صحتمند شروعات، پرامید آئيندو






سڀاڻي 7 اپريل 2025 تي ملهائجندڙ صحت جي عالمي ڏينهن تي ”ماءُ ۽ نون ڄاول ٻارن جي صحت“ تي هڪ سال جي مهم جو آغاز ڪيو ويندو. ”صحتمند شروعات، پراميد مستقبل“ جي عنوان سان اها مهم عالمي برادري تي زور ڏيندي ته اهي ماءُ ۽ نون ڄاول ٻارن جي موت کي روڪڻ لاءِ ڪوششون تيز ڪن ۽ عورتن جي ڊگهي مدت جي صحت ۽ ڀلائيءَ کي ترجيح ڏين.



وسيع الدين جوڻيجو

ڪنهن به انسان جي لاءِ سٺي صحت قدرت طرفان هڪ بي بها عطيو هوندي آهي. اڪثر چيو ويندو آهي ته، ”صحت دولت آهي.“ دولت مان مراد صرف پيسو نه آهي، پر ان سان گڏ خوشي ۽ سڪون پڻ آهي. جيڪي ماڻهو دولت حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي صحت وڃائي ويهندا آهن، اهي بعد ۾ اُهائي ڪمايل دولت، صحت حاصل ڪرڻ تي خرچ ڪري ڇڏيندا آهن. صحت جي اهميت جي مدنظر ، صحت جي عالمي اداري طرفان 7 اپريل کي صحت جو عالمي ڏهاڙو قرار ڏنو ويو آهي.

صحت جو عالمي ادارو (World Health Organization)جولاءِ 1946 تي وجود ۾ آيو هو، جنهن جو هڪ آئين منظور ڪيو ويو، جيڪو 7 اپريل 1948 کان لاڳو ڪيو ويو. بنيادي طور 61 ملڪن هن اداري جي ٺاهه تي صحيحون ڪيون. پهريون صحت جو عالمي ڏهاڙو 22 جولاءِ 1949 تي ملهايو ويو هو. بعد ۾ ان جي تاريخ، صحت جي عالمي اداري جي وجود ۾ اچڻ واري تاريخ جي مناسبت سان 7 اپريل رکي وئي.

سڀاڻي 7 اپريل 2025 تي ملهائجندڙ صحت جي عالمي ڏينهن تي ”ماءُ ۽ نون ڄاول ٻارن جي صحت“ تي هڪ سال جي مهم جو آغاز ڪيو ويندو. ”صحتمند شروعات، پراميد مستقبل“ جي عنوان سان اها مهم عالمي برادري تي زور ڏيندي ته اهي ماءُ ۽ نون ڄاول ٻارن جي موت کي روڪڻ لاءِ ڪوششون تيز ڪن ۽ عورتن جي ڊگهي مدت جي صحت ۽ ڀلائيءَ کي ترجيح ڏين. صحت جي عالمي اداري طرفان مهيا ڪيل انگن اکرن مطابق دنيا ۾ ساليانو 3 لک عورتون حمل ۽ ويم دوران پنهنجون حياتيون وڃائي ويهن ٿيون. لڳ ڀڳ 20 لک ٻار پيدائش جي هڪ مهيني اندر فوت ٿي وڃن ٿا ۽ 20 لک کن ٻار مئل پيدا ٿين ٿا. ان مسئلي ۾ ڪجهه ڪوششن سان گهٽتائي آڻي سگهجي ٿي.

مشهور چوڻي آهي ته، ”ماءُ صحتمند ته ٻار صحتمند.“ جڏهن ڪا عورت ڳورهاري ٿيندي آهي ته ان جون غذائي ضرورتون نارمل عورت کان مختلف ٿي وينديون آهن. ڪيس نه صرف پنهنجي لاءِ پر گڏوگڏ دنيا ۾ ايندڙ ٻار لاءِ خوراڪ ۾ وٽامنز، منرلز ۽ پروٽينز وغيره جي عام حالتن کان وڌيڪ ضرورت پوندي آهي. هڪ محتاط اندازي مطابق ڳورهاري عورت کي عام حالت جي ڀيٽ ۾ 300 ڪيلوري توانائيءَ جي وڌيڪ ضرورت هوندي آهي. حمل دوران اڪثر عورتون ذهني دٻاءَ جو پڻ شڪار ٿي وينديون آهن. ان سان گڏ جسماني ڪمزوري، رت جي دٻاءَ، ذيابيطس ۽ بي خوابيءَ جهڙا مسئلا پڻ جنم وٺندا آهن. تنهن هيٺ ڄاڻايل ڳالهين تي عمل ڪرڻ سان عورت نه صرف پاڻ صحتمند رهندي، پر دنيا ۾ ايندڙ ٻار پڻ صحتمند پيدا ٿيندو.

ٻارن جي پيدائش ۾ مناسب وقفو: هن عمل سان نه صرف ماءُ ۽ ٻار صحتمند رهندا، پر ان سان گڏ خاندان معاشي طور پڻ مستحڪم رهندو.

حمل دوران ۽ ويم کان پوءِ مناسب ۽ متوازن غذا: هن غذا ۾ تازيون سبزيون، ميوو، گوشت، مڇي، بيدا ۽ کير وغيره شامل هجي. ڏٺو ويو آهي ته سرنديءَ وارن گهرن ۾ ڳورهاري عورت کي گيهه ۽ مکڻ جهڙيون شيون گهڻي مقدار ۾ استعمال ڪرايون وينديون آهن، جيڪي پڻ نقصانده ثابت ٿي سگهن ٿيون.

ان ڪانسواءِ ڳورهاري عورت کي پاڻيءَ ۽ ميوي جي رس جو گهڻو استعمال ڪرڻ گهرجي، هلڪي ڦلڪي ورزش ڪرڻ گهرجي، وقت سان ننڊ ۽ آرام ڪرڻ، سگريٽ، پان، سوپاري ۽ اهڙين ٻين نقصان ڏيندڙ شين کان پرهيز ڪرڻ گهرجي ۽ ڪنهن مستند ڊاڪٽرياڻي يا ليڊي هيلٿ وزيٽر کان ڪيس ريگيولر چيڪ اپ ڪرائڻ گهرجي، جڏهن ته ڄاول ٻار کي ماءُ جي ٿڃ پيئارجي ۽ ان کي بيمارين کان بچاءَ جا ٽڪا ضرور لڳرايا وڃن. ■

# ڏڪاريل سنڌ ۾ صحت جا پيدا ٿيندڙ امڪاني مسئلا

موسمياتي تبديلين سبب پيدا ٿيل اها ڏڪارجهڙي صورتحال بيان ڪندي موسميات کاتي سنڌ جي 30 مان 15 ضلعن ۾ سوڪهڙي جو اطلاع ڏنو آهي. انهيءَ وچولي کان شديد سوڪهڙي جو شڪار ضلعن ۾ ڏڪارجي ڪيفيت جي نشاندهي به ڪئي آهي. خشڪيءَ سبب پيدا ٿيندڙ ڏڪارجهڙي صورتحال ۾ سماج ۾ جيڪي اهم مسئلا منهن ڪڍي سگهن ٿا، انهن ۾ پاڻيءَ جي معيار ۽ مقدار جو مسئلو سڀ کان اڳ ۾ مُنهن ڪڍندو آهي. ڪارجي نتيجي ۾ اڪثر خشڪي واريون حالتون پيدا ٿين ٿيون، جيڪي مختلف بيمارين جا خطرا وڌائي ڇڏن ٿيون.



عبدالرحمٰن پيرزادو

ڏڪاريل سنڌ ۾ پانت پانت جا ڏڪار هم وقت موجود رهيا آهن، پر هن وقت جنهن ڏڪار مُنهن ڪڍيو آهي، اهو آهي موسمياتي تبديلين سبب پيدا ٿيل غير معمولي خشڪي جو ٿيڻ ۽ وسڪاري جو رُسڻ. اڄ مان اوهان سان انهيءَ خشڪيءَ سبب پيدا ٿيندڙ صحت جي امڪاني مسئلن، سنڌ جي صحت کاتي ۾ ساڃاهه ۽ عمل جي ڏڪار ۽ ان کي مُنهن ڏيڻ تي گفتگو ڪندس.

ڌرتيءَ تي خشڪي تڏهن ٿيندي آهي، جڏهن برساتون ڊگهي مدي تائين سراسري کان گهٽ پونديون آهن. پاڪستان جي موسميات کاتي طرفان جاري ڪيل انگ اکر ٻڌائين ٿا ته آگسٽ 2024ع کان مارچ 2025ع تائين ڪيترا ڏينهن مينهن هڪ ملي ميٽر کان گهٽ وسيو آهي. ميسر معلومات موجب سنڌ ۽ ان سان لڳندڙ ڏاکڻي بلوچستان جا ڪيئي علائقا اهڙا آهن، جتي 200 کان وڌيڪ ڏينهن مينهن ناهي وسيو. سوڪهڙي سبب ملڪ جي ٽن صوبن: سنڌ، بلوچستان ۽ پنجاب جا جيڪي علائقا متاثر ٿيا آهن، انهن ۾ سنڌ جا: پڊعيدن، شهيد بينظيرآباد، دادو، ٿرپارڪر، عمرڪوٽ، حيدرآباد، ٺٽو، بدين، ڪراچي، گهوٽڪي، جيڪب آباد، لاڙڪاڻو، سکر، خيرپور ۽ سانگهڙ، بلوچستان جا گوادر، ڪيچ، لسٻيلا، پنجگور، آواران، گچڪي، جعفرآباد، جهل مگسي، سِبي، نوشڪي ۽ وشوڪ شامل آهن، جڏهن ته پنجاب جي علائقن مان بهاولپورنگر، بهاولپور ۽ رحيم يار خان شامل آهن.

موسمياتي تبديلين سبب پيدا ٿيل اها ڏڪار جهڙي صورتحال بيان ڪندي موسميات کاتي سنڌ جي 30 مان 15 ضلعن ۾ سوڪهڙي جو اطلاع ڏنو آهي. انهيءَ وچولي کان شديد سوڪهڙي جو شڪار ضلعن ۾ ڏڪارجي ڪيفيت جي نشاندهي به ڪئي آهي. خشڪيءَ سبب پيدا ٿيندڙ ڏڪار جهڙي صورتحال ۾ سماج ۾ جيڪي اهم مسئلا منهن ڪڍي سگهن ٿا، انهن ۾ پاڻيءَ جي معيار ۽ مقدار جو مسئلو سڀ کان اڳ ۾ مُنهن ڪڍندو آهي. خشڪي، پاڻيءَ جي فراهميءَ کي گهٽائي ٿي، جيڪو نه رڳو زراعت پر گهرو استعمال، پيئڻ ۽ ڪاروبارن جي ضرورت لاءِ پڻ تمام گهڻو ضروري هوندو آهي، پر پوڙهن ۾ رهندڙ آبادين کي خشڪيءَ سبب ميسر ٿيندڙ پاڻيءَ جو معيار خراب ٿي سگهي ٿو، ڇاڪاڻ ته پاڻيءَ جي نظام ۾ وهندڙ پاڻين ۾ لوڻيات جي مقدار ۾ اضافو ۽ آڪسيجن جي مقدار ۾ گهٽتائي ٿيڻ جا امڪان شامل آهن.

ياد رهي ته اسان وٽ شهرن جو نيڪال وارو گندو پاڻي، ڪارخانن مان زهريلو پاڻي به انهن مٺي پاڻيءَ جي وهڪرن ۾ ڇوڙ ڪرايو ويندو آهي.

خشڪيءَ دوران هوا جي معيار ۾ ردوبدل سبب جهنگن ۾ پاڻ هُرتو باهيون لڳڻ ۽ آنڌارين جو خطرو به وڌي ويندو آهي، جنهن سبب ساهه جي سرشتي ۽ ڦڦڙن تي خشڪيءَ جا اگرا اثر پئجي سگهن ٿا ،جيڪي دل ۽ ڦڦڙن جي عارضن کي وڌائي سگهن ٿا.

ڏڪار جي نتيجي ۾ اڪثر خشڪي واريون حالتون پيدا ٿين ٿيون، جيڪي مختلف بيمارين جا خطرا وڌائي ڇڏن ٿيون، خاص طور تي پاڻيءَ سبب پيدا ٿيندڙ بيماريون جن ۾ دست، ڪالرا، پوليو ۽ مدي جو بخار اسان وٽ سنڌ ۾ اڳ ئي موجود آهن. انهن ۾ ساهه جون بيماريون جهڙوڪ: هلڪي نزلي، زڪام کان سلهه تائين، وائرس سبب ڦهلجندڙ بيماريون جهڙوڪ: ملي، لاڪڙو، ايمپاڪس، ارڙي شامل آهن. مليريا، ڊينگي، چڪنگونيا، چمڙيءَ جون بيماريون ۽ اکين جون بيماريون پڻ وڌي سگهن ٿيون.

خشڪي ۽ ان جا معاشي نتيجا ذهني صحت جي مامرن ۾ اضافو ڪري سگهن ٿا، جن ۾ ورتاءَ جي خرابي، معدي جي خرابي ۽ گهريلو تشدد کان ويندي خودڪشيون شامل آهن.

عوامي صحت تي خشڪيءَ جا اثر: خشڪيءَ جي سست رفتاري سان واڌ مختصر ۽ ڊگهي مدت جي صحت جي نتيجن جو سبب بڻجن ٿا، جن ۾ پيئڻ جي پاڻيءَ، نيڪال واري گندي پاڻي، هوا، توانائي، هوا جي معيار ۽ صفائي ۽ ذاتي، گهرو ۽ مڪاني صفائي سان لاڳاپيل مسئلا، گهُٽجندڙ زندگي جي حالتن سان لاڳاپيل عارضا پڻ ظاهر ٿين ٿا.

کاڌ خوراڪ: کاڌي، ويلي ۽ غذائيت ۾ خرابي، بيماري ۽ بيمارين جي وڌندڙ واقعن، بشمول پريشاني، ڊپريشن، يا ٻيا خراب ذهني صحت جا مسئلا منهن ڪڍن ٿا.

پاڻيءَ جي موجوده نظام جي جوڙجڪ ۽ گنجائش: پاڻي جي استعمال جي مقامي حڪمراني، معاشي ترقي، متاثر علائقي ۾ رهندڙ آبادي ۽ ٻين سماجي عنصرن، جهڙوڪ مقامي سماجيءَ سياسي صفبنديءَ جي عدم موجودگي خشڪيءَ جي اثرن ۽ انساني صحت لاءِ پيدا ٿيندڙ نتيجن کي اڃا وڌيڪ وڌائي ڇڏيو آهي. خشڪيءَ سان لاڳاپيل صحت جي مسئلن کي سمجهڻ ۽ انهن کي منهن ڏيڻ لاءِ لياقت جي غربت صحت کاتي کي ان لاءِ تياري ڪرڻ ۽ زندگيون بچائڻ ۾ ڏکيائيون پيدا ڪري ٿي. موجود صورتحال جي نزاڪت کي سمجهندي هڪ پيشه ور عوامي صحت جي ماهر جي حيثيت ۾ سنڌ جي جمهور ۽ صحت کاتي لاءِ ڪجهه صلاحون ڏجن ٿيون. سنڌ جي صحت کاتي کي عموماً ۽ متاثر 15 ضلعن جي منتظمين کي خصوصاً هيٺين ڳالهين تي ڌيان ڏئي گهربل قدم کڻڻ گهرجن:

عوامي صحت جي بهتريءَ لاءِ اڳواٽ خبرداريءَ جي نظام کي بهتر نموني لاڳو ڪرڻ سان صحت تي امڪاني اثرن کي منهن ڏيڻ لاءِ تياري ڪرڻ ۽ ان صورتحال مان امڪاني نقصان کي گهٽائڻ ۾ مدد ملندي.

پيئڻ جي پاڻي ۽ صفائيءَ لاءِ گهربل پاڻيءَ جي کوٽ مان پيدا ٿيندڙ بيمارين کي روڪڻ لاءِ محفوظ پيئڻ جي پاڻي ۽ صفائيءَ جي سهولتن تائين رسائي، خاص ڪري صحت مرڪزن ۾ انهن سهولتن کي يقيني بڻائڻ تمام ضروري آهي.

غذائي کوٽ جي شڪار ٻڍيل ٻارن، نارين، ڳورهارين، ٿڃ پياريندڙ مائن، فردن ۽ آبادين لاءِ سنڌ جي مختلف خدمتن کي لاڳو ڪرڻ ۽ متاثر آبادي کي غذائي مدد فراهم ڪرڻ سان غذائي کوٽ کي منهن ڏيڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي.



تصوير ڊان تان ورتل

خشڪيءَ جي عرصي ۾ بيمارين جي نگراني ۽ بروقت مداخلت فراهم ڪرڻ ضروري آهي، جيئن اهي وبائي شڪل اختيار نه ڪن.

نفسياتي اثرن کي منهن ڏيڻ لاءِ متاثر ماڻهن کي ذهني صحت جون خدمتون ۽ مدد فراهم ڪرڻ تمام ضروري آهي.

ڏڪار جي هن ڪيفيت ۾ اٿندڙ سوالن جي جواب ڏيڻ لاءِ مڙني لاڳاپيل سرڪاري، غيرسرڪاري، عالمي، ملڪي ۽ غيرملڪي ادارن، صحت جي تنظيمن ۽ سماجي گروپن توڙي گڏيل قومن جي ادارن ۾ تعاون قائم ڪرڻ جي ضرورت آهي.

صحت کاتي کي ان ڏس ۾ گڏيل قومن جا هيلٿ، نيوٽريشن ۽ ريپروڊڪٽو هيلٿ ڪلسٽر جوڙڻ لاءِ ترتيبوار صحت جي عالمي اداري ـ ڊبليو ايڇ او، ٻارن جي عالمي اداري يونيسيف ۽ آباديءَ واري عالمي اداري يو اين ايف پي اي کي خط لکي ٽيئي ڪلسٽر قائم ڪري، انهن ٽنهي طرفن کان مربوط حڪمت عملي جوڙي عمل جوڳو رستو طئي ڪرڻ گهرجي، جيئن ”صحت سڀ لاءِ “جي اصول تحت صحت جون بنيادي گهربل خدمتون قائم به هجن ۽ جاري به رهي سگهن .

اهو ڌيان رهي ته سهولتون رڳو شهرن جي چوڌاري نه پر هر هنڌ سراسريءَ جي اصول تحت مهيا ڪري سگهجن.

سوڪهڙي جي ڏينهن ۾ ماڻهن کي ٻين موسمي خطرن وانگر حفاظتي احتياط جي ضرورت پوي سگهي ٿي. سوڪهڙي جون حالتون اڪثر ڪري ڪکاون گهرن، جهوپڙين کي باهين يا جهنگلي باهين جو سبب بڻجن ٿيون. اهڙن ضلعن ۾ جتي سوڪهڙي جون حالتون موجود آهن، مقامي مڪاني ادارن سان گڏجي پاڻيءَ جي استعمال کي محدود ڪرڻ لاءِ پاڻي جي بچاءَ جي قدمن جي سفارش ڪري سگهن ٿا.

سوڪهڙي جي ڏينهن ۾ پاڻي بچائڻ خاص طور تي اهم آهي. پاڻي بچائڻ لاءِ گهرن ۾ موجود وٽن ۽ ٻوٽن کي هر روز تازو پاڻي ڏيڻ بدران گهريلو استعمال وارو پاڻي ڏيڻ جي ڪوشش ڪجي.

ماڻهن کي پنهنجو خيال رکڻ ۽ سوڪهڙي جي اثرن کان پاڻ کي بچائڻ جا طريقا:

پاڻي جام پيئو. تيز گرمي پد اڪثر خشڪي سان گڏ ايندو آهي، تنهن ڪري پاڻ کي گرميءَ جي ٿڪاوٽ کان بچائڻ لاءِ ۽ گرمي جي فالج کان بچائڻ لاءِ، گهڻو پاڻي پيئو ۽ ڇانوَ واري جاءِ تي رهو.

صاف سٿرو کاڌو کائو. خشڪي فصلن کي نقصان پهچائي سگهي ٿي، جنهن سان صحتمند کاڌو وڌيڪ مهانگو يا اڻ لڀ به ٿي سگهي ٿو.

طبيعت جي ناسازي هجي ته مستند معالج سان مشورو ڪريو. هيلٿ هائوس، ڊسپينسري، بيسڪ هيلٿ يونٽ، رورل هرلٿ سينٽر، تعلقي اسپتال، ضلعي اسپتال ۽ سول اسپتالون سڄيءَ سنڌ ۾ موجود آهن. انهن مان لاڀ حاصل ڪريو.

جيڪڏهن توهان کي ذهني دٻاءُ ۽ پريشاني ٿئي، ڪو ساهه جو مسئلو هجي، ته پنهنجي صحت جي سار سنڀال فراهم ڪندڙ سان ڳالهايو.

هن صورتحال ۾ سنڌ جو صحت کاتو، جنهن ۾ هاڻ هيلٿ مينيجمينٽ ڪيڊر جا سائنسدان ڊائريڪٽر جنرل جي قيادت ۾ صحت کاتي جو انتظام سنڀالين پيا، اهي سنڌ ۾ صحت جون خدمتون ڪيئن مرتب ڪندا، جو پيدا ٿيندڙ صحت جي مسئلن کي ”صحت سڀ لاءِ “اصولن تحت منهن ڏئي سگهجي.

ياد رهي ته نجي، خيراتي ۽ ٺيڪيدارن پاران سنڀاليل سرڪاري ادارن سميت صحت جا سڀ ادارا صحت کاتي طرفان ترتيب ڏنل صحت جون خدمتون فراهم ڪرڻ جا پابند آهن. ■

## آمريڪي صدر ٽرمپ جي ايران کي ڌمڪي

# ’ايٽمي پروگرام تي نئون ٺاهه ڪر يا نتيجا ڀوڳڻ لاءِ تيار رهه‘

ٽرمپ،ايران جي ايٽمي پروگرام بابت ڳالهين لاءِ وڏيڪ دٻاءَ ڪي وڌايو آهي ۽ خبردار ڪيو آهي ته جيڪڏهن ايران نئين ٺاهه تي راضي نٿو ٿئي ته اهو خراب نتيجن ڪي منهن ڏيڻ لاءِ تيار رهي. اها ڌمڪي ايران ڪي ڳالهين جي ميز تي آڻڻ لاءِ هڪ ڪوشش آهي، پر ايراني قيادت، آمريڪا سان سڌيون ڳالهيون ڪرڻ ڪان انڪار ڪري ڇڏيو آهي.

الهه بخش راٺوڙ



اميج فائنانشل ٽائمز جي ٿورن سان

ٽرمپ انتظاميا، ايران ڪي پنهنجن مقصدن ۾ وڏي رڪاوٽ سمجهي ٿي، انڪري اها ايران جي ايٽمي پروگرام جي خاتمي ڪان حڪومتي تبديلي تائين سمورن آپشنز تي ويچاري رهي آهي. آمريڪي صدر ٽرمپ ايران ڪي جلد ڳالهيون نه ڪرڻ جي صورت ۾ سنگين نتيجن ڀوڳڻ لاءِ تيار رهڻ جي ڌمڪي ڏني آهي. ان حوالي سان وچ اوڀر جي علائقي ڊيگوگارشيا ۾ فوجي اڏي تي امڪاني حملي جون تياريون به شروع ڪري ڇڏيون آهن.

ٽرمپ،ايران جي ايٽمي پروگرام بابت ڳالهين لاءِ وڏيڪ دٻاءَ ڪي وڌايو آهي ۽ خبردار ڪيو آهي ته جيڪڏهن ايران نئين ٺاهه تي راضي نٿو ٿئي ته اهو خراب نتيجن ڪي منهن ڏيڻ لاءِ تيار رهي. اها ڌمڪي ايران ڪي ڳالهين جي ميز تي آڻڻ لاءِ هڪ ڪوشش آهي، پر ايراني قيادت، آمريڪا سان سڌيون ڳالهيون ڪرڻ ڪان انڪار ڪري ڇڏيو آهي.

ڪي مبصر ان خيال جا آهن ته، ٽرمپ، جنهن پهريان ئي ايٽمي معاهدي تان هٿ ڪنيا هاڻ نئين سري سان ڳالهين لاءِ ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي. ٽرمپ سمجهي ٿو ته ايراني قيادت ڳالهين جي ميز تي نه آئي ته هو ايران تي حملي جو جواز پيدا ڪندو ۽ دنيا ڪي اهو پيغام ڏيندو ته ايران جو ايٽمي پروگرام وچ اوڀر خاص ڪري اسرائيل لاءِ خطرو هو، انڪري اڳواٽ ڪارروائي ڪئي وئي.

گذريل مارچ مهيني جي شروع ۾ صدر ٽرمپ ايراني سپريم ليڊر آيت الله علي خامنه اي ڪي هڪ خط به لکيو، جنهن ۾ ايٽمي پروگرام بابت نئون معاهدو ڪرڻ جي تجويز ڏني وئي، ۽ ان تي عمل ڪرڻ لاءِ ٻن مهينن جو وقت ڏنو ويو. ٽرمپ زور ڀريو ته، جيڪڏهن ٺاهه نه ڪيو ويو ته ايران لاءِ سنگين نتيجا سامهون اچي سگهن ٿا. ايران، آمريڪي آڇ جو جواب عمان جي ذريعي ڏنو ۽ واضح ڪيو ته موجوده وڌيڪ دٻاءُ ۽ فوجي ڌمڪين ذريعي ڳالهيون ڪري نٿيون سگهجن. ايران اهو پيغام گڏيل عرب امارتن جي ذريعي پهچايو. ان دوران آمريڪا هندي سمنڊ جي ڊيگاگارشيا اڏي تي ’بي ٽو اسٽيلٿ بمبار جهاز‘ تيار ڪيا، جيڪي ڳالهين جي ناڪاميءَ جي صورت ۾ فوجي آپشن طور استعمال ڪيا ويندا.

صورتحال تمام گهڻي منجهيل آهي ۽ عالمي برادري اميد ڪري ٿي ته آمريڪا ۽ ايران ۾ پرامن ڳالهيون ٿين، جيئن علائقي جي صورتحال ڪي خراب ٿيڻ ڪان بچائي سگهجي. ايران جوابي خط عمان ذريعي موڪليو، جنهن جو مطلب اهو آهي ته، ايران ان ملڪ جي ٿياڪڙي چاهي ٿو.

ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچي ميڊيا ڪي ٻڌايو ته، عمان بهتر ٿياڪڙي ڪري سگهي ٿو. ماضيءَ ۾ به اهو پنهنجو ڪردار ادا ڪري چڪو آهي. ايران، عمان تي وڌيڪ ڀروسو ڪري ٿو. ايران، آمريڪا سان سڌيون ڳالهيون نه ڪرڻ سبب عمان جي حڪومت ڪي وچ ۾ آڻڻ چاهي ٿو. علي شمخاني، جيڪو ايران جي سپريم نيشنل سيڪيورٽي ڪونسل جو اڳوڻو سربراهه هو، اهو هاڻ ايراني سپريم ليڊر جو صلاحڪار آهي، ان جو چوڻ آهي ته، ٽرمپ جي خط جي جواب ۾ ايران جو ردعمل بردباري تي ٻڌل آهي. جيڪڏهن ڳالهيون برابريءَ جي بنيادن تي ڪيون وڃن ته ايران سڌيون ڳالهيون به ڪري سگهي ٿو. اسان وڌيڪ قدم کڻڻ لاءِ تيار آهيون. هي ساڳيو ٽرمپ آهي، جيڪو 2018 ۾ ايٽمي ٺاهه ڪان ٻاهر نڪتو هو. اوباما ٽي سال پهريان اهو ٺاهه ڪيو هو. سپريم ليڊر ڪيترائي ڀيرا چئي چڪو آهي ته آمريڪا جو ايٽمي پروگرام ڪان هڪ طرفو نڪرڻ ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته آمريڪا تي وڌيڪ اعتماد ڪري نٿو سگهجي ۽ ٽرمپ سان ڳالهين جو ڪو به فائدو ناهي.

اهي خبرون به عام آهن ته، گذريل ڇهن سالن دوران ايران جو ايٽمي پروگرام گهڻو اڳڀرو ٿيو آهي. هاڻ هو ايٽمي هٿيارن ٺاهڻ جي ويجهو پهتو آهي. عالمي ايٽمي توانائيءَ جي ايجنسيءَ مطابق ايران وٽ 60 سيڪڙي تائين يورنيم رچاءُ جي سگهه آهي. هو 90 سيڪڙو يورنيم کي رچائي 6 ايٽمي بم تيار ڪري سگهي ٿو.

آمريڪا جي ايران جي حوالي سان پاليسي تاريخي طور تي منجهيل رهي آهي ۽ ان ۾ حڪومتي تبديلي جو به ذڪر ٿيندو رهيو آهي. اهو معاملو انتهائي تڪراري آهي. ڪنهن زماني ۾ ته آمريڪا، پنهنجا جاسوسي ڊرون به موڪليا هئا، جيڪي ايراني بيابان ۾ ڪري تباهه ٿي ويا هئا. آمريڪي صحافي سيمور هيرش به پنهنجي ڊگهي مضمون ۾ انڪشاف ڪيو هو ته، آمريڪا، ايراني حڪومت جي تبديليءَ لاءِ الڳ ڪمانڊ قائم ڪئي آهي، جيڪا ايراني ايٽمي هٿيار کٽي وٺندي. ان دوران ايران ۾ ڪيترائي ڀيرا فساد ٿيا ۽ احتجاج جي وڏي لهر به آئي، جنهن ۾ ڪيترائي ماڻهو ماريا ويا.

صدر اوباما جي ڏينهن ۾ آمريڪا، ايران سان ايٽمي معاهدو ڪيو هو، جنهن جو مقصد ايٽمي معاملن کي محدود ڪرڻ هو. اوباما، ايران جي حڪومتي تبديليءَ تائين نه ويو هو. اوباما انتظاميا ايران سان ڳالهيون ڪري لاڳاپن ۾ ڇڪتاڻ کي ختم ڪرايو هو. ان کانپوءِ ٽرمپ وري ايران تي دٻاءُ وجهڻ لاءِ معاهدو ئي ختم ڪري ڇڏيو. صدر جو بائيڊن ايران سان ٻيهر ايٽمي ٺاهه جي ڪوشش ڪئي، پر ايران پنهنجي پاليسيءَ ۾ تبديلي ڪرڻ ڪان انڪار ڪيو. بائيڊن ايران سان ڳالهيون ڪرڻ چاهيون ٿي، پر هن حڪومتي تبديليءَ جو ڪو به اشارو نه ڏنو هو.

آمريڪا چاهي ٿو ته وچ اوڀر ۾ ايران جي اثر کي گهٽائجي. ڪجهه آمريڪي عملدارن ايران جي موجوده حڪومت جي حوالي ناڪاري موقف اختيار ڪيو. انهن ايران ۾ عوام جي حمايت لاءِ آزادي ۽ جمهوريت جي حق ۾ بيان ڏنا. هي به حقيقت آهي ته، ايراني حڪومت جي تبديلي آمريڪا جي ڊگهي مدي واري پاليسيءَ جو حصو آهي.

آمريڪا کي ڊپ آهي ته، ڪٿي ايران پنهنجا ايٽمي هٿيار اسرائيل جي خلاف نه استعمال ڪري. ان حوالي سان آمريڪي انتظاميا ۾ ڳڻتيءَ واري لهر ڇانيل آهي. هو سمجهن ٿا ته، ايران جو ايٽمي پروگرام اسرائيل لاءِ سڌو خطرو آهي. اسرائيل وٽ به ايٽمي هٿيار آهن، پر ان باقاعدگيءَ سان اعلان نه ڪيو آهي. ايران جو پروگرام علائقي ۾ طاقت جي توازن کي تبديل ڪري سگهي ٿو.

ايراني حڪومت ڪيترائي ڀيرا اسرائيل کي دنيا جي گولي تان مِٽائڻ جون ڳالهيون ڪري چڪي آهي. سپريم ليڊر اسرائيل جي وجود کي تسليم ڪرڻ ڪان به انڪار ڪيو. اسرائيل به ايران جي ايٽمي پروگرام کي پنهنجي لاءِ خطرو سمجهي ٿو. وچ اوڀر ۾ ايران جو وڌندڙ اثررسوخ به اسرائيل لاءِ خطرو آهي. ايران جون حامي ويڙهاڪ تنظيمون، جيڪي لبنان، شام ۽ عراق ۾ سرگرم آهن، انهن ۾ ان جي حامين جي ڪا کوٽ ناهي.

اسرائيل، ايران جي ايٽمي پروگرام جي خلاف ڪارروائي ڪرڻ جون ڪيترائي ڀيرا ڌمڪيون ڏئي چڪو آهي. ان حوالي سان اهي به رپورٽس آهن ته، اسرائيل، ايران جي ايٽمي پروگرام کي ختم ڪرڻ لاءِ رٿابندي به ڪئي. نه صرف اسرائيل، پر آمريڪا به ايران جي ايٽمي پروگرام کي سيڪيورٽي چيلينج قرار ڏنو هو، انڪري ٻئي ملڪ گڏجي ايران جي ايٽمي پروگرام پٺيان هٿ ڌوئي پئجي ويا آهن. اسرائيلي ماهرن جو خيال آهي ته ايران جو ايٽمي پروگرام وڏو اسٽريٽيجڪ ۽ سيڪيورٽي خطرو آهي. جيڪڏهن ايران ايٽمي هٿيار تيار ڪري ٿو ته نه صرف اسرائيل جي سلامتي داءَ تي لڳي ويندي، پر خطي جا ٻيا ملڪ به ان جي نشاني تي اچي سگهن ٿا.


جيڪڏهن عالمي قانونن جي روشنيءَ ۾ ڏسجي ته آمريڪا کي اهڙو ڪو به حق ناهي جو اهو ايران جي خلاف قدم کڻي يا ڌمڪين تي لهي اچي. گڏيل قومن جو چارٽر سمورن ميمبر ملڪن کي هڪٻئي خلاف طاقت استعمال ڪرڻ ڪان روڪي ٿو. ڪنهن به ملڪ جي خلاف گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل ئي ڪو فيصلو ڪري سگهي ٿي. ايران، آمريڪا سان جيڪو ايٽمي ٺاهه ڪيو هو، ان جي دنيا جي وڏين طاقتن ضمانت ڏني هئي ۽ انهن ملڪن ۾ چين، روس، برطانيا، فرانس ۽ جرمني شامل هئا. جيڪڏهن آمريڪا، ايران جي خلاف ڪا ڪارروائي ڪري ٿو ته ان سان ايراني عوام جي جان ۽ مال کي خطرو ٿي سگهي ٿو، جنهن جو تحفظ عالمي سطح تي ڪيو ويو آهي.

ٽرمپ توڙي جو ايران کي سياسي حڪمت عملي طور ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي، پر عالمي سطح تي اهي قدم عالمي قانونن، ٺاهن ۽ اصولن جي ڀڃڪڙي آهي. ان سان عالمي امن ۽ سلامتيءَ تي ناڪاري اثر پئجي سگهن ٿا ۽ ملڪن جي وچ ڇڪتاڻ جو پيدا ٿيڻ به فطري آهي. ■

## سنڌ جي معروف پروفيسر، زرعي ماهر، محقق ۽ منتظم محترم ڊاڪٽر برڪت علي سومرو سان مختصر ڳالهه ٻولهه

# ”1968ع ۾ ڪامن ويلٿ اسڪالرشپ لاءِ مون کان زباني امتحان قدرت الله شهاب ورتو هو“

## زرعي ماهر ڊاڪٽر برڪت علي سومرو





منل جسڪاڻي

معروف پروفيسر، زرعي ماهر، محقق ۽ منتظم محترم ڊاڪٽر برڪت علي سومرو سان مون مختصر ڳالهه ٻولهه ڪئي، جيڪا مان چاهيان ٿو ته ڪاوش دنيا جي پڙهندڙن کي به اُها پڙهايان، ۽ جي اسان جي نئين نسل جا نوجوان اها پڙهندا ته يقينن ۾ ان مان ڪين سکڻ ۽ سمجهڻ جي لاءِ گهڻيون ڪارائتيون ڳالهيون ملي پونديون.

مون ڊاڪٽر صاحب صاحب سندن پهرين کان آخري نوڪريءَ تائين جو حال احوال ورتو، جنهن جو جواب ڏيندي چيائون ته: ”سائين جسڪاڻي صاحب، جيئن ئي مون 1964 ۾ ٽنڊوڄام مان ايگريڪلچر ۾ بي ايس سي ڪئي، ته رزلٽ آئوٽ ٿيڻ ڪانپوءِ هڪ هفتي اندر ائگريڪلچر ڪاليج ۾ باٽني ڊپارٽمينٽ ۾ ڊمانسٽريٽر مقرر ٿيس. 1966ع ۾ پلانٽ بريڊنگ ۾ ايم. ايس. سي. ڪرڻ لاءِ داخلا ورتم ۽ شام جو ڪلاسز اٽينڊ ڪرڻ شروع ڪياسون. 1967ع ۾ خير سان ڊگري ملي. 1968ع ۾ مونکي West Pakistan Public Service Commission(اولهه پاڪستان پبلڪ سروس ڪميشن، چوته ان وقت ون يونٽ هئو) پروموٽ ڪري ڊيرا اسماعيل خان ۾ ائگريڪلچر ريسرچ اسٽيشن تي اسسٽنٽ ويٽ باٽنسٽ (Assistant Wheat Botanist)جي عهدي تي رکيو. اتان سيپٽمبر 1969ع ۾ ڪامن ويلٿ اسڪالرشپ تي پي ايچ ڊي ڪرڻ لاءِ ڪئناڊا ويس. مونکي پي ايچ ڊي ڊگري جنوري 1974ع ۾ ملي، پر ان کان اڳ ۾ آءٌ ڪئناڊا ۾ ئي هيس ته ون يونٽ ٽٽي ويو. جنهن ڪري منهنجون سروسز ائگريڪلچر ڪاليج کي ڏنيون ويون.




پي ايچ ڊي ڪري جنوري 1974ع ۾ موٽيس ته ائگريڪلچر ڪاليج جي بورڊ آف گورنرس جي چيئرمئن مون کي اپريل 1974ع ۾ پلانٽ بريڊنگ اينڊ جينيٽڪس ۾ ايسوسيئٽ پروفيسر مقرر ڪيو. نومبر 1976ع ۾ سڪرنڊ ۾ وفاقي حڪومت جي ڪاٽن ريسرچ انسٽيٽيوٽ جو ڊئريڪٽر مقرر ٿيس. 1983ع ۾ مون کي پروموٽ ڪري، ساڳئي پوسٽ کي اپ گريڊ ڪري، مون کي 20هون گريڊ ڏنو ويو. ڊائريڪٽر جي ان پوسٽ تي آءٌ 1994ع تائين خدمتون انجام ڏيندو رهيس. جون 1994ع ۾ مون کي پروموٽ ڪري 21هين گريڊ ۾ پاڪستان سينٽرل ڪاٽن ڪميٽيءَ جو وائس پريزيڊنٽ ۽ CEOبڻايو ويو. آگسٽ 2003ع ۾ ان پوسٽ تان رٽاير ٿي قاسم آباد، حيدرآباد ۾ رهائش اختيار ڪيم.

مون ڊاڪٽر برڪت کان معلوم ڪرڻ چاهيو ته، اوهان جو جنم ڪڏهن ۽ ڪٿي ٿيو ۽ ابتدائي ۽ سيڪنڊري تعليم ڪهڙن اسڪولن مان پرائي؟ جي جواب ۾ هِنن وراڻيو ته، ”منهنجي ڄم جي تاريخ 08 آگسٽ 1943ع آهي. ڄمڻ جو هنڌ ڳوٺ حاجي خان سومرو، تعلقو ميروخان، ضلعو لاڙڪاڻو آهي. پرائمري چار درجا پنهجي ڳوٺ ۾ پڙهي، پهرين درجي انگريزي جي داخلا 1954ع ۾ ميونسپل هاءِ اسڪول رتوديرو، ضلعو لاڪاڻو ۾ ورتم. اتان ست درجا انگريزيءَ جا مئٽرڪ جي صورت

1968ع ۾ ڪامن ويلٿ اسڪالرشپ جو competitiveامتحان لکت ۽ زباني پاس ڪري، 1969ع ۾ ڪئناڊا پي ايچ ڊي ڪرڻ ويس. اهي ڳالهيون اڳ ۾ ٻڌائي آيو آهيان، پر جيڪا دلچسپ ڳالهه ٻڌائڻ چاهيان ٿو، اُها اِها آهي ته، اسان کان اورل قدرت الله شهاب ورتي هئي. ان وقت هو صدر ايوب خان جو ايڊيوڪيشن ايڊوائيزر هو. اورل وٺندي اسان سنڌين کي پنجاب پبلڪ سروس ڪميشن جي statementڏيکاريائين، جنهن ۾ لکيل هيو: ‘Third class agriculture graduate from Tandojam is far better than first class agriculture graduate from Lyalpur.’ ... هاڻ پاڻ اندازو لڳايو ته اسان جي پڙهائيءَ جو اُن وقت اسٽينڊرڊ ڇا هُئو ۽ هينئر ڪهڙي حالت آهي؟

۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان 1960ع ۾ ڪيم. ائگريڪلچر ڪاليج ٽنڊوڄام ۾ 1961ع ۾ فرسٽ ايئر سائنس ائگريڪلچر ۾ داخلا ورتم ۽ 1964ع ۾ بي ايس سي ائگريڪلچر ڪيم. ان ڪانپوءِ وارري سڄي ڪارگذاري مان اڳ ۾ بيان ڪري چڪو آهيان. پر اها نشاندهي ضروري ڪندس ته مئٽرڪ تائين تعليم وقت رهائشگاهه ۾ واپڊا جي بجلي ڪونه هوندي هُئي. بيو ته مان مئٽرڪ کان پي ايچ ڊي تائين ڪڏهن به ٽرڊ ۽ سيڪنڊ ڪلاس نه ڏنو آهي.

هن وقت آءٌ 82 سالن جي عمر جو آهيان. هروپرو مان پوڙهي ڪي چوٿا اخبارن يا ڪِن ٽيڪنيڪل جريدن ۾ رلايو.

ڊاڪٽر برڪت علي سومري هڪ ٻي به ڏاڍي اهم ڳالهه ڪئي ته، ”1960ع ۾ مون سنڌ يونيورسٽيءَ مان مئٽرڪ ڪئي. ان وقت سنڌ ۾ اڃان سيڪنڊري بورڊ نه ٺهيا هُئا. 1964ع ۾ ٽنڊوڄام مان بي ايس سي 1967ع ۾ ايم ايس سي ڪيم. 1968ع ۾ ڪامن ويلٿ اسڪالرشپ جو competitiveامتحان لکت ۽ زباني پاس ڪري، 1969ع ۾ ڪئناڊا پي ايچ ڊي ڪرڻ ويس. اهي ڳالهيون اڳ ۾ ٻڌائي آيو آهيان، پر جيڪا دلچسپ ڳالهه ٻڌائڻ چاهيان ٿو، اُها اِها آهي ته، اسان کان اورل قدرت الله شهاب ورتي هئي. ان وقت هو صدر ايوب خان جو ايڊيوڪيشن ايڊوائيزر هو. اورل وٺندي اسان سنڌين کي پنجاب پبلڪ سروس ڪميشن جي statementڏيکاريائين، جنهن ۾ لکيل هيو:

‘Third class agriculture graduate from Tandojam is far better than first class agriculture graduate from Lyalpur.’

هاڻ پاڻ اندازو لڳايو ته اسان جي پڙهائيءَ جو اُن وقت اسٽينڊرڊ ڇا هُئو ۽ هينئر ڪهڙي حالت آهي؟

آئون سائين ڊاڪٽر برڪت علي سومرو جو ٿورائتو آهيان، جنهن پاڻ بابت هيءَ بنيادي ڄاڻ ڏني. مون کي اميد آهي ته هن معلومات مان نوجوان نسل کي اڳتي وڌڻ لاءِ اتساهه ملندو ۽ هُو پنهنجي عملي زندگيءَ ۾ اعليٰ تعليم ۽ بهترين ڪردار جي آبياري لاءِ ڀرپور ڪوششون ڪندا. ■

# مغربي مصوريءَ جا مختلف دؤر




”غار مصوريءَ“ بعد مصوري جو ٻيو دور يورپ جي نشاة ثانيہ (ريناسنس) يعني 1400 ع کان 1525 ع تائين وارو مڃيو وڃي ٿو. ان جي شروعات اٽلي کان ٿي ۽ پوءِ اهو پوري يورپ تائين ڦهلجي ويو. نشاة ثانيہ بعد مغربي مصوري جي ٽئين دور کي ”باروڪ مصوري“ چيو وڃي ٿو، جيڪو 1600 ع کان 1800 ع ۾ پروان چڙهيو. ”باروڪ“ اصل ۾ پورچوگالي لفظ ”باروڪو“ مان نڪتل آهي، جنهنجي معنيٰ آهي ”غير معين شڪل جو موتي يا پٿر.“


ڊچ آرٽسٽ ريمبرانٽ (اميج گيٽي اميجز)



ڊاڪٽر اظهر علي شاهہ

مغربي مصوري جي تاريخ 40 هزار قبل مسيح ۾ ”غار مصوري“ کان شروع ٿئي ٿي. فرانس جي شاويٽ غار ۾ موجود جانورن جون تصويرون ”غار مصوري“ جو مثال آهن. گهوڙن، گينڊن، شينهن ۽ ٻين جانورن جون غار جي پٿين کي کروڙي، انهن تي گيڙو روغن سان ٺاهيل تصويرون 1994 ع ۾ شاويٽ ۽ ٻين ماهرن ڳولي لڌيون. تنهڪري ان غار کي سندن نالي سان سڃاتو وڃي ٿو. هاڻي يونيسڪو ان کي عالمي ورثي ۾ شامل ڪيو آهي.
”غار مصوريءَ“ بعد مصوري جو ٻيو دور يورپ جي نشاة ثانيہ (ريناسنس) يعني 1400 ع کان 1525 ع تائين وارو مڃيو وڃي ٿو. ان جي شروعات اٽلي کان ٿي ۽ پوءِ اهو پوري يورپ تائين ڦهلجي ويو.
نشاة ثانيہ بعد مغربي مصوري جي ٽئين دور کي ”باروڪ مصوري“ چيو وڃي ٿو، جيڪو 1600 ع کان 1800 ع ۾ پروان چڙهيو. ”باروڪ“ اصل ۾ پورچوگالي لفظ ”باروڪو“ مان نڪتل آهي، جنهنجي معنيٰ آهي ”غير معين شڪل جو موتي يا پٿر.“ ان قسم جي مصوري ۾ خوداعتمادي، متحرڪيت ۽ حقيقت نگاري جون خاصيتون ملن ٿيون. باروڪ مصوري جي شاهڪارن ۾ اينبيل ڪوراسي طرفان اٽليءَ جي شهر روم جي فارنيز محل ۾ فارنيز گئلري ۾ ٻارنهن سالن جي محنت سان 1608 ع ۾ تيار ڪيل اها تصوير آهي، جيڪا آلي پلستر تي ٺاهي وئي. ان تصوير ۾ ڌرتي ۽ آڪاش جي ديوين ۽ ديوتائن جي پيار جي ڪهاڻين جي عڪاسي ڪئي وئي آهي. پيار جي انهن ڪهاڻين مان روم جي مشهور شاعر ورجل جي ان پيغام جو اظهار بہ ملي ٿو، جنهن مطابق پيار هر شئي کي فتح ڪري ٿو يعني omnia vincit amo .
ان دور جي ٻي شاهڪار تصوير آهي ڊياگو ويلازڪيز جي، حضرت عيسيٰ ؑ جن جي صليب تي چڙهڻ واري تصوير. ان تصوير ۾ باروڪ مصوري جون خاصيتون جهڙوڪ متحرڪ زاويہ ۽ روشن اونداهي تضادن جو استعمال ٿيل آهي.
مغربي مصوري جي چوٿين دور کي ”ڊچ سونهري دور“ چيو وڃي ٿو، جيڪو 1600 ع کان 1700 ع تائين پروان چڙهيو. هي اهو دور آهي جنهن جي شروعات، ڊچ يعني نيدرلينڊ طرفان اسپين خلاف 80 سالہ آزادي واري جنگ دوران ٿئي ٿي. ان دور کي سونهري دور انڪري چيو وڃي ٿو جو ان دور ۾ ڊچ ادب، سائنس، مصوري، ملٽري، تجارت ۽ ٻين شعبن عالمي مڃتا ماڻي. ڊچ سونهري دور جي مصوري جي شاهڪارن ۾ مصور ريمبرانٽ وان رجن، جي ”رات جي چوڪي“ (نائٽ واچ) جي عنوان سان 1642 ع ۾ ٺاهيل اها تصوير آهي، جنهن ۾ هڪ ڪئپٽن جي اڳواڻي ۾ شهري سپاهين جو جٿو شهر جي حفاظت لاءِ پنهنجا فرض سرانجام ڏئي رهيو آهي. ان تصوير ۾ تحرڪ سان گڏ روشني ۽ پاڇي جي عڪاسي پڻ ڪئي وئي آهي، جيڪا ان کي منفرد بڻائي ٿي.
ان دور جي ٻي شاهڪار تصوير فرانز هالس جي ”خانہ بدوش ڇوڪري“ جي عنوان سان 1630 ع ۾ ٺاهيل اها تصوير آهي، جنهن ۾ غير روايتي لباس ۾ ملبوس هڪ نوجوان ڇوڪريءَ جي لال گلابي ڳلن جي اهڙي طرح عڪاسي ٿيل آهي، جو اها ڏسندڙن کي موهي وجهي ٿي.


شالوٽ جي عورت (1888 ع)

مغربي مصوري جي پنجين دور کي ”روڪوڪو مصوري“ چيو وڃي ٿو، جيڪو 1700 ع کان 1780 ع دوران پروان چڙهيو. اصل ۾ ”روڪوڪو مصوري“ کي ”باروڪ مصوري واري دور“ جي آخري شڪل چئي سگهجي ٿو، جنهن ۾ ڊرائنگ، رنگن ۽ ٿئيٽر جي گهٽي نمائش ملي ٿي. ان سان گڏ اکين جي اهڙي طرح عڪاسي ڪئي وئي آهي جو اهي هر رخ ۾ ڏسن پيون. ”روڪوڪو مصوري“ جي شاهڪارن ۾ جين فريگنوراڊ طرفان جهولي (دي سئنگ) جي عنوان سان 1767 ع ۾ ٺاهيل تصوير ۾ محبت، چنچلپڻو ۽ بي وفائي جي تلاش جهڙن جذبن جي عڪاسي ملي ٿي. هڪ نوجوان خوبصورت ڇوڪري باغ ۾ جهولي تي لڏي پئي ۽ سندس عاشق لڪي سندس درشن پيو ڪري. ان تصوير ۾ جهولو عورت جي آزاديءَ جي علامت آهي. جهولي کي لوڏن وارو شخص عورت جي مڙس جي علامت آهي، جيڪو زال جي ڳجهي پيار کان اڻ واقف آهي. باغ رومانوي ماحول جي عڪاسي ڪري ٿو.



رات جي چوڪي (1642ع)



جهولو (1767)

”روڪوڪو مصوري“ جو ٻيو شاهڪار جين واتو جي ”سائيٿرا ياترا“ جي عنوان سان 1718ع ۾ ٺاهيل اها تصوير آهي، جنهن ۾ پيار جي ديوي وينس (ايفروڊائيٽ) جي شهر سائيٿرا جي زيارت لاءِ ايندڙ جوڙن جي پيار جي عارضي جذبن جي عڪاسي ٿيل آهي.

”رومانوي مصوري“ مغربي مصوري جي تاريخ جو ڇهون دور آهي، جيڪو 1750ع کان 1875ع تائين پروان چڙهيو. رومانيت واري مصوريءَ ۾ جذبات جي وڏيڪ عڪاسي ملي ٿي. رومانوي مصوري جي شاهڪارن ۾ جان وليم واٽرهائوس جي شالوٽ جي عورت (دي ليڊي آف شالوٽ) جي عنوان سان 1888ع ۾ ٺاهيل اها تصوير آهي، جيڪا الفريڊ لارڊ ٽينيسن جي ساڳئي عنوان سان لکيل نظم جي آخري بند جي عڪاسي ڪري ٿي، جنهن ۾ شالوٽ جي هڪ خاتون هڪ طرفي پيار ۾ پنهنجي زندگيءَ جي قرباني ڏئي ٿي. شالوٽ جي اها خاتون هڪ اهڙي عورت آهي، جيڪا هڪ ڪمري ۾ قيد آهي ۽ اتي ڪپڙا اڻڻ جو ڪم ڪري ٿي. سماجي قانون مطابق هوءَ سڌي طرح ٻاهرين



سائيٿريا جي ياترا (1718)

دنيا نٿي ڏسي سگهي، پر ڪمري جي دريءَ مان پنهنجي ڪمري جي شيشي تي ٿهندڙ عڪس ڏسي سگهي ٿي.
هڪ دفعي سر لانسلوٽ اتان گذري ٿو، جنهن کي شالوٽ جي عورت سڌو ڏسي ٿي. اهڙي طرح سندس زندگي جو انت ٿئي ٿو. هوءَ ڪمري مان نڪري ٿي. ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿئي ٿي ۽ پنهنجي محبوب جي ڳولا ۾ پنهنجي جان قربان ڪري ڇڏي ٿي. تصوير ۾ ٻيڙيءَ ۾ ويٺل عورت جي حسرت زدہ ۽ مشتاق جذبن جي عڪاسي سان گڏ ٻه وساميل ۽ هڪ روشن ميڻ بتي اهو پيغام ڏين ٿيون ته، زندگيءَ جي آخري پساهن ۾ به هن عورت کي عشق جي ڪيڏي نه تڙپ آهي! اها تصوير رومانوي جذبن جي عڪاسيءَ جو ڪمال آهي. ■

ڪهاڻي



# بلهي شاهه جو فقير



آصف جمالي

هتي ائين ٿيندو هو، صفائي ڪندڙ عملي جا پورهيت اڪثر ڏينهن ٻن جي موڪل وٺي هليا ويندا هئا. پوءِ مهينن تائين سندن اتو پتو نه هوندو هو. انهن کي دلجاءِ هوندي هئي ته سندن پگهار هر صورت ۾ جاري هوندي. ڪلرڪ ٽڪليءَ تي آڱوٺو هڻي پگهار ڪڍي سگهي ٿو. سندن نوڪري وڃڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. پوءِ ڪي اچي ويندا هئا ۽ ڪي نه به ايندا هئا. جڏهن ماڻهوءَ جي ضرورت پوندي هئي ته، مهل تي ماڻهوءَ جو ملڻ مشڪل هوندو هو.
اوچتو ڪنهن ڏَي موڪل تي وڃڻ کان پوءِ ان جي کوٽ محسوس ٿي رهي هئي. ڪو عيسائي سئيپر هُن کي مون وٽ وٺي آيو. گوڏ ٻڌل هئس. حقو هن سان گڏ هو. مون هن کان درخواست وٺي، ان مهل ئي چيئرمئن کان اجازت جو نوٽ هڻائي، ڪيس نوڪري تي رکي ڇڏيو. ڏاڍو خوش ٿيو. بلهي شاهه جو شعر پڙهي هن منهنجي مهرباني مڃي. مون ڪانئس وڌيڪ ڪا پڇا ڳاڇا نه ڪئي. هو پنهنجي ڪم کي جنبي ويو.
ڪم جو سچار هو، پر طبيعت جو صفا ماٺيڻو هو. پنهنجيءَ حد ۾ ڪم مڪمل ڪري پوءِ ڪنهن ڊِڪي تي ويهي حقو پيئندو هو. ڪنهن سان به گهڻو نه ڳالهائيندو هو. رهائش لاءِ ڪيس اسٽيشن جو هڪ ڪوارٽر ملي ويو، جنهن ۾ حسيني رهندو هو. حسيني، جيڪو اڪين کان سڄو هو. سياري ۾ بيضا ته وري اونهاري ۾ ڪيلا ڪپائيندو هو. هن ماڻهوءَ زندگي ۾ ڪڏهن لٺ/ڇڙي جو سهارو نه ورتو. پيرن سان شهر ماپيو ويٺو هو. کهڙي گهٽي ڪٿي ختم ٿئي ٿي، ڪٿي موڙ آهي ۽ ڪيس مڙنو آهي، انهن جو هو سونهون هو. ڪڏهن ڪنهن کڏي کوٻي ۾ نه اٽڪيو. سڄو شهر گهمي رات جو ڪوارٽر ۾ پهچي ويندو هو_ ۽ ماني به پنهنجي ڪندو هو.
هن جي اچڻ کان پوءِ حسينيءَ جي مشڪلاتن ۾ به ڪنهن قدر آساني ٿي وئي. هي سندس هٿ ونڊائي وٺندو هو. حسيني ڏينهن جو ڪوارٽر ۾ هوندو هو. هن جي لاءِ ڏينهن توڙي رات ڳالهه ساڳي هئي، پر هي سج لٿي کانپوءِ نڪرندو هو. آئون ڪڏهن ڪڏهن حسينيءَ وٽ ويندو هئس. حسيني هن جي غيرموجودگي ۾ ٻڌايو ته، اهي عيسائي سئيپر نه هن جا مائٽ آهن، نه ئي هي انهن کي سڃاڻي ٿو. مون کي حيرت ٿي ته هڪ اڻڄاڻ ماڻهوءَ کي جمعدار کهڙي آڌار تي وٺي آيو؟ پر موقعي مهل جي مناسبت سان فقير جو ڇڪو لڳي ويو.
بهرحال نوڪري ملڻ کان پوءِ هن ڪڏهن شڪايت جو موقعو نه ڏنو. نه وري موڪل ڪئي. پوءِ مون به ڪا پڇا نه ڪئي، ڇو جو هن جو مضبوط تعارف اهو ئي هو. ڇا به هجي، گهٽ ۾ گهٽ هڏ حرام / ڪم چور نه هو. پوءِ هڪ ڀيرو ڪچهريءَ ۾ حسينيءَ اهو انڪشاف ڪيو، ”سرڪار، عنايت جاگر مسلمان آهي!“ پر مون سندس ڳالهه تي ڌيان نه ڏنو. ائين پهرين به هڪ دفعو پيءُ پٽ جو جوڙو نوڪري تي لڳي ويو. پر پوءِ مهيني جي آخري تاريخن ۾ پنهنجي پگهار کڻڻ کانسواءِ گم ٿي ويا هئا. پوءِ خبر پئي ته انهن کي به ڪو به نه سڃاڻندو هو، ته ڪير هئا ۽ ڪيڏانهن ويا؟ بس ضرورت وقت ڪم تي لڳي ويا. پنهنجو ڪم ڪري هليا ويا. اهڙن ملازمن جي وڃڻ کانپوءِ انهن جي پگهار ورهائجي ويندي هئي. ڪجهه مهينن تائين انهن کي هلايو ويندو هو.
پوءِ اوچتو عنايت جاگر به هفتي جي موڪل وٺي هليو ويو، پر مهيني ڏيڍ کان پوءِ واپس آيو ته نه صرف سندس پگهار جي ٽڪليءَ تي پير جو آڱوٺو هڻي ڪڍي هڙپ اها هڙپ ڪئي ويئي هئي، پر هن کي نوڪريءَ تي ڪٽڻ کان به مون ڪتو جواب ڏيئي ڇڏيو. خبر ناهي ڇو منهنجا احساس سمهي رهيا هئا؟ بلڪل بيحس ٿي ويو هئس. هن منٿون ڪندي چيو ته، آئون ڪنهن مجبوريءَ جي ڪري هي پورهيو ڪري رهيو آهيان. هن جي ان ڳالهه کانپوءِ ڪانئس اهو پڇڻ گهربو هو ته، آخر اها کهڙي مجبوري هئي جو هتي اچي هن اهو ڏنڌو اختيار ڪيو؟ پر آءٌ ان ڏينهن انڌ جي گهوڙي تي سوار هئس. مون هن جي هڪ به نه ٻڌي. هن حقي مان هڪ دم هڻي مون کي ڏنو، ۽ بلهي شاهه جو بيت چئي اٿي هليو ويو. ان جو مطلب ڇا هو... مون نه سمجهيو. آءٌ صفا ٻي حسيءَ جي خول ۾ بند هئس. هن جي وڃڻ کانپوءِ به مون اڪيون نه پٽيون، پڇا نه ڪئي. مهيني کانپوءِ جڏهن ٻي حسيءَ جي خول مان ٻاهر نڪتس ته ان وقت گهڻي دير ٿي وئي هئي. ڪنهن وٽ به هن جو ڏس پتو نه هو ته فقير ڪٿان آيو؟ ڪيڏانهن ويو؟ ■


# امر جليل جو والد قاضي عبدالغني، پنهنجي دور جو تعليمي ماهر

قاضي عبدالغني، ڊاڪٽر عمر بن دائود پوٽي سان تمام ويجهو هوندو هو. ڊاڪٽر دائودپوٽو جتي بہ آفيسر رهندو هو تہ اُتي قاضي عبدالغنيءَ کي پاڻ سان گڏ رکندو هو. 1939 ع ۾ ڊاڪٽر دائود پوٽي کي ڊائريڪٽر آف پبلڪ انسٽرڪشن مقرر ڪيو ويو. انهيءَ عهدي تي هو 1950 ع تائين ڪم ڪندو رهيو. ان عرصي دوران قاضي عبدالغني، مختلف عهدن تي ساڻس گڏ رهيو. 1940 ع ۾ هن سنڌ ۾ پبلڪ انسٽرڪشن جي ڊائريڪٽر جي پرسنل اسسٽنٽ طور ڪم ڪيو. 12 سيپٽمبر 1945 ع تي انگريز سرڪار کيس زميندارن جي ٻارن جي تعليم جو ايجوڪيشن آفيسر مقرر ڪيو، جتي هن زميندارن جي ٻارن کي تعليم ڏانهن راغب ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. اهڙين ڪوششن جي ڪري انگريز سرڪار کيس ”خان صاحب“ جو اعزاز عطا ڪيو.



مختيار احمد ملاح

روهڙي، سنڌ جو هڪ قديم شهر آهي، جيڪو سنڌو درياهہ جي ايرندي ڪناري تي، سکر جي بلڪل سامهون واقع آهي. انهن ٻنهي شهرن جي وچ ۾ سنڌو درياهہ آهي، جنهن تي، هنن ٻنهي شهرن کي پاڻ ۾ ملائڻ لاءِ 1888 ع ۾ هڪ خوبصورت پُل: ’لئنسڊائون پل‘ ٺاهي ويئي هئي. ان کان پوءِ ساڳئي پل سان ريل گاڏيءَ لاءِ هڪ نئين پل 1962 ع ۾ تعمير ڪئي وئي. هن وقت روهڙي، ضلعي سکر جي تعلقي جو صدر مقام آهي، جتي پاڪستان جو سڀ کان وڏو ريلوي پليٽ فارم ۽ جنڪشن آهي. روهڙي شهر ۽ آس پاس ۾ ڪيترائي تاريخي قديم آثار بہ آهن.



روهڙيءَ جو شهر 19هين صديءَ تائين علم ۽ فضل جو مرڪز رهيو. هن شهر جي ڏکڻ ۾ درياهہ جي ڪناري تي ”سَتين جو آستان“ نالي هڪ ماڳ آهي، جيڪو تمام گهڻو مشهور آهي.

بيدل ۽ بيڪس جي ان شهر (روهڙي) ڪيترائي عالم، اديب، استاد، قاضي، فنڪار، ڪامورا، سياستدان ۽ مشاهير پيدا ڪيا آهن، جن ۾ روهڙي جي قاضين جو خاص مقام آهي. انهن ۾ قاضي غلام حيدر بسمل، قاضي غلام علي، قاضي عبدالرزاق، قاضي علي رضا، قاضي علي اڪبر درازي، ڊاڪٽر نبي بخش قاضي، امر جليل ۽ ٻيا ڪيترائي شامل آهن، پر انهن مان قاضي عبدالغنيءَ جو نالو گهڻو ڪري گمنام رهيو آهي.

قاضي عبدالغنيءَ جو جنم 1894 ع ۾ روهڙي شهر ۾ ٿيو. سندس والد فيض محمد قاضي شهر جي مشهور شخصيت هئو. قاضيءَ جو مسند ۽ تخلص ڪين مغل شهنشاهن پاران عطا ٿيل هو. قاضي عبدالغنيءَ جو ڀاءُ عبدالحڪيم قاضي زراعت سان لاڳاپيل هو، جڏهن تہ قاضي عبدالغنيءَ پنهنجو ڪيريئر تعليم کاتي ۾ ٺاهيو. سندس سئوٽ، عبدالرزاق قاضي پڻ تعليم جي شعبي سان وابستہ هو ۽ سنڌ مدرسة الاسلام ۾ تدريسي خدمتون انجام ڏيندي ڪيترائي ديني ڪتاب لکيائين. اڳتي هلي نوڪري ڇڏي الوحيد اخبار ۾ سب ايڊيٽر ٿيو ۽ ”الوحيد آزادي نمبر“ جاري ڪرڻ ۾ سندس وڏو ڪردار هو.

سنڌ جو مشهور ڪهاڻيڪار، ناول نگار، ڊرامانگار ۽ ڪالم نگار سائين امر جليل، قاضي عبدالغنيءَ جو ٻيو نمبر فرزند آهي. قاضي عبدالغنيءَ پنهنجي شروعاتي تعليم روهڙيءَ مان حاصل ڪئي، ان بعد سموري تعليم ڪراچي مان حاصل ڪيائين. پاڻ ڪراچيءَ جي مشهور چرچ مشنري اسڪول مان ميٽرڪ ڪري، ڊي. جي ڪاليج ڪراچي ۾ داخل ٿيو، جتان بي. اَي جي ڊگريءَ لاءِ بمبئي يونيورسٽيءَ ويو ۽ 1916 ع ۾ فارسي ۽ انگريزي ادب ۾ گريجوئيشن، سيڪنڊ ڪلاس ۾ پاس ڪري آيو. سنڌ اچي تعليم کاتي ۾ نوڪري ڪرڻ شروع ڪيائين، جتي مختلف عهدن تي رهيو. 1920 ع ۾ بمبئيءَ مان سيڪنڊري ٽيچنگ ڊپلوما ڪورس ڪيو هئائين.

قاضي عبدالغني فيض محمد پنهنجي نجي زندگيءَ ۾ انتهائي اصول پرست ۽ نظم ۽ ضبط وارو آفيسر هيو. هر ڪنهن سان آرام سان ڳالهائيندو هو، پر سرڪاري معاملن ۾ پنهنجي اصولن تي هلندو هو. سخت مذهبي ماڻهو هئڻ جي باوجود هر طبقي جي ماڻهن سان دوستي ۽ خلوص رکندو هو. سندس باري ۾ سائين امر جليل پنهنجي آتم ڪٿا جي پهرين ڀاڱي ۾ لکيو آهي تہ، ”بابا، قاضي عبدالغني تعليم کاتي ۾ ڪم ڪندو هو، ۽ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو سيڪريٽري ٿي رٽائر ٿيو هو. مذهبي ڪٽرپڻي کان نجات جو درس مون کي بابا جي عمل مان مليو هو. پاڻ روزي نماز جو سخت پابند هو. روزانو صبح جو پابنديءَ سان تلاوت ڪندو هو، پر سندس سڀني کان عزيز، قريب ۽ پيارو دوست ڊاڪٽر چوئٿرام جيساڻي هو.“

قاضي عبدالغني، تعليم کاتي جي مختلف عهدن تي رهيو. پاڻ شروع ۾ ايجوڪيشنل انسپيڪٽر جي آفيس ۾ ايڊمنسٽريٽو آفيسر رهيو. سنڌ جي مشهور مدرسہ اسڪول نوشهري فيروز اسڪول جو هيڊ ماستر بہ رهيو. ان کان علاوه، شڪارپور ۾ بہ نوڪري ڪيائين. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر انور فگار هڪڙي لکيو آهي تہ، ”محترم قاضي عبدالغني جڏهن شڪارپور ۾ عملدار هو، تڏهن جماڻي هاءِ اسڪول جي عمارت جي مٿئين حصي ۾ رهندو هو. امر جليل بہ اتي رهيو ۽ سندس اسڪول ۾ پهريون پيرو داخلا شڪارپور ۾ ٿي. اهو اسڪول اسان هَڪڙن جي پاڙي ۾ هو. سائين حبيب الله پٽو ڪڏهن ڪڏهن امر جليل کي لکيدر گهمائي ايندو هو. سائين عبدالغني منهنجي والد جو بہ محسن هو. الهہ بخش لوهر ۽ آخوند رسول بخش بہ اتي ايندا هئا.“

1924 ع ۾ حيدرآباد ۾ جيڪا تعليمي ڪانفرنس ٿي هئي، ان جي انتظامي معاملن واري ڪميٽيءَ جو قاضي عبدالغني ميمبر هو. 1924 ع کان 1927 ع تائين مدرسي هاءِ اسڪول نوشهري فيروز اسڪول جو هيڊ ماستر رهيو. ان اياماڪاريءَ ۾ اسڪول جي ترقيءَ ۾ هن اهم ڪردار ادا ڪيو. ان بابت ان دور جو نالي وارو تعليمدان الهہ بخش خان نظاماڻي لکي ٿو تہ، ”منهنجي دور ۾ ئي سال 1920 ع ۾ نوشهره فيروز مدرسہ کي گورنمينٽ پنهنجي تحويل ۾ ورتي، ان کي گورنمينٽ مدرسہ هاءِ اسڪول بڻايو، جنهن جو پهريون هيڊ ماستر خانبهادر جي اين قاضي صاحب مقرر ٿيو. قاضي صاحب پوءِ سنڌ جي بمبئي کان جدا ٿيڻ بعد سنڌ جو پهريون ڊائريڪٽر آف پبلڪ انسٽرڪشن مقرر ٿيو. جي. اين. ان جي جاءِ تي پوءِ خانبهادر محمد صديق ميمڻ ۽ پوءِ قاضي عبدالغني صاحب هيڊ ماستر مقرر ٿيا.“



قاضي صاحب، علمي، ادبي ۽ سماجي سرگرمين ۾ حصو وٺندو هو. 1935 ع ۾ سنڌي مسلم ادبي سوسائٽي جي مينيجنگ ڪاميٽيءَ جو ميمبر هو. کيس حڪومت پاران مدرسہ اسڪول بورڊ جو ميمبر نامزد ڪيو ويو هو. ان کان علاوه، ايس ايل ولسن مسلم هاسٽل، اسٽوڊنٽس ايڊوائيزري ڪميٽي، سينئر ڪيمبرج ايگزامنيشن ڪميٽي، ڪراچي سينٽر جو سيڪريٽري، سنڌ ۾ اينگلو انڊين يورپي ايجوڪيشن جي صوبائي بورڊ جو سيڪريٽري ۽ ڪيمبرج اسڪول سرٽيفڪيٽ ايگزامنيشن جو مقامي سيڪريٽري پڻ رهيو.

قاضي عبدالغني صاحب 1935 ع کان 1939 ع تائين جيڪب آباد ۾ فرنٽيئر لوڪل بورڊ پرائمري اسڪولن جو ايڊمسنٽريٽر رهيو. ان سلسلي ۾ الهہ بخش خان نظاماڻي لکي ٿو تہ، ”مدرسہ اسڪول نوشهرو فيروز کان وري سال 39_1938 ع ۾ وڏي عهدي تي ڊسٽرڪٽ اسڪول بورڊ جيڪب آباد جو ايڊمنسٽريٽو آفيسر چونڊجي ڊپوٽيشن تي روانو ٿيس، جتي خان صاحب قاضي عبدالغني کان چارج ورتم. قاضي منهنجو استاد هو، جنهن جي معرفت ۽ همت افزائي سان انهيءَ ضلعي ۾ ايڊمنسٽريٽو آفيسر مقرر ٿيس، جنهن جو اڄ تائين تهہ دل سان شڪرگذار آهيان.“

قاضي عبدالغني، ڊاڪٽر عمر بن دائود پوٽي سان تمام ويجهو هوندو هو. ڊاڪٽر دائودپوٽو جتي بہ آفيسر رهندو هو تہ اُتي قاضي عبدالغنيءَ کي پاڻ سان گڏ رکندو هو. 1939 ع ۾ ڊاڪٽر دائود پوٽي کي ڊائريڪٽر آف پبلڪ انسٽرڪشن مقرر ڪيو ويو. انهيءَ عهدي تي هو 1950 ع تائين ڪم ڪندو رهيو. ان عرصي دوران قاضي عبدالغني، مختلف عهدن تي ساڻس گڏ رهيو. 1940 ع ۾ هن سنڌ ۾ پبلڪ انسٽرڪشن جي ڊائريڪٽر جي پرسنل اسسٽنٽ طور ڪم ڪيو. 1942 ع ۾ ملان مڪتب اسڪولن جو سکر ۾ ڊپٽي ايجوڪيشنل انسپيڪٽر رهيو. 12 سيپٽمبر 1945 ع تي انگريز سرڪار کيس زميندارن جي ٻارن جي تعليم جو ايجوڪيشن آفيسر مقرر ڪيو، جتي هن زميندارن جي ٻارن کي تعليم ڏانهن راغب ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. اهڙين ڪوششن جي ڪري انگريز سرڪار کيس ”خان صاحب“ جو اعزاز عطا ڪيو. 1950 ع ۾ جڏهن ڊاڪٽر دائودپوٽي کي سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو چيئرمين مقرر ڪيو ويو تہ اها چارج قاضي عبدالغنيءَ جي حوالي ڪئي وئي، جتي هو لڳ ڀڳ هڪ سال تائين خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو. 1951 ع ۾ کيس پبلڪ سروس ڪميشن جو سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو، جتان 1955 ع ۾ نوڪريءَ تان رٽائرمينٽ ورتائين.


رٽائرمينٽ کان پوءِ قاضي صاحب گهڻو ڪري خاموش، پر عبادت ۾ زندگي بسر ڪئي. سندس رهائش اين. جي. وي اسڪول سان لڳو لڳ سعيد منزل جي پرسان، بارنيس اسٽريٽ جي آغا بلڊنگ ۾ هئي. قاضي صاحب جي پسند جو ڪتاب روميءَ جي مثنوي هئو. ان کان علاوه هُو ملٽن، شيڪسپيئر، ڪيٽس، حافظ شيرازي ۽ روميءَ جو شيدائي هو. کيس اخبارون پڙهڻ جو جنون جي حد تائين شوق هوندو هو. ان سلسلي ۾ سائين امرجليل پنهنجي آتم ڪٿا جي پهرين ڀاڱي ۾ لکي ٿو تہ، ”بابا تعليم کاتي ۾ ڪم ڪندو هو، سوير گهر هليو ايندو هو. پاڻ سان بہ چار انگريزي ۽ سنڌي اخبارون کڻي ايندو هو. اڌ رات تائين اخبارون پڙهندو هو ۽ ريڊيو تان خبرون ٻڌندو هو. اخبارن ۽ ريڊيو جي خبرن تي تبصرو ڪرڻ لاءِ ڪڏهن چاچا فضل الله صديقيءَ (1946_1947 ع ۾ پوليس کاتي ۾ ڊي. ايس پي هو ۽ ڪيماڙي بندرگاهہ تي مقرر هو) وٽ وڃي ويهندو هو ۽ ڪڏهن چاچا فضل الله صديقي ڏاڪڻ لهي هيٺ اسان وٽ هليو ايندو هو. اسان جا فليٽ سعيد منزل جي پرسان آغا بلڊنگ ۾ هوندا هئا. اسين فليٽ نمبر اٺين ۾ رهندا هئاسين.“

سائين قاضي عبدالغنيءَ کي بہ فرزند ۽ هڪ نياڻي آهن، جن ۾ وڏو فرزند قاضي فيض محمد، قاضي عبدالجليل (امر جليل) ۽ نياڻي اشرف خاتون شامل آهن. سنڌ جو هي ناميارو تعليمدان 25 ڊسمبر 1970 ع تي وفات ڪري ويو. سائين امر جليل پنهنجي آتم ڪٿا جي مختلف بابن ۾ پنهنجي والد کي تمام گهڻو ياد ڪيو آهي. ■

زندگيءَ جي اُس ۾ ڪجهه ڇانوَري جا پل

# هِن شخص کي وسارڻ گهٽ ۾ گهٽ مَوري جي وَس کان ٻاهر آهي

ادي عظيم سنڌيءَ پنهنجي شخصي لڳ لاڳاپي جي بنياد تي جيترن نوجوانن کي روزگا سان لڳايو هوندو، اوترو ڪنهن به موري جي وڏيري توڙي سرمائيدار، ايم اين اي يا ايم پي اي نه لڳايو هوندو. اِهو موري جو سچ آهي. موري ۾ هڪڙوئي ادو عظيم آهي، شايد پٽائيءَ چواڻي، موري جي، "مِٽي اُن خَمير، اَصل هُئي ايتري." سندس مرڪ جي پٺيان لکل اڻ ڳڻيا ڏک آهن. اهو هڪ عجيب معجزو آهي. هو ڊبل ايم اي آهي، پوءِ به ڪنهن نوڪريءَ کي هن ٺوڪري سمجهي پنهنجي آبرودار مٽي تي نه رکيو ۽ پنهنجي پورهئي کي اهم سمجهيو.







رکيل مورائي

هُو منهنجو اهو محسن دوست آهي، جنهن مون کي سدائين شخصي توڙي اديب طور اعليٰ ڏسڻ چاهيو، پر منهنجو ادنيٰ هجڻ ۽ پاڻ کي قبول ڪرڻ، منهنجي فطرت جو حصو رهيو آهي ۽ ان فطري طور طريقي کان ٻاهر وڃڻ پنهنجي لاءِ هڪ عيب محسوس ڪريان ٿو.

منهنجي زندگي ۾ هو پهريون ۽ شايد آخري شخص آهي، جنهن منهنجي شعوري عمر ۾ منهنجا سمورا عيب ثواب ڊڪيا آهن ۽ هر موڙ تي منهنجي رهنمائي ڪئي آهي. اهڙي دعويٰ مان ڪنهن به فورم تي ڪري سگهڻ جي همت رکڻ وارو آهيان ۽ لکڻ ۾ به ڪيٻائڻ وارو نه آهيان.

اڄ مان سموري سچائيءَ سان اِها ڳالهه چوڻ لائق پاڻ کي سمجهي رهيو آهيان ته مان هن کي شخصي نماڻائي ۽ اخلاقي قدرن جي پاسداريءَ سبب به وڻندو هجان ۽ هن لاءِ مون وٽ جيڪو احترام اڄ جي تاريخ تائين آهي، ان جا سبب مون وٽ اڻ ڳڻيا آهن. اهو خيال مان پاڻ وٽ محفوظ رکان ٿو، ڇاڪاڻ ته اِهو به سمجهان ٿو ۽ پڪ سان چوان ٿو ته، هو جيڏو وڏو شخص آهي، موري ۾ ساڻس سهمتي توڙي اڻ سهمتيءَ جا حوالا به اوترائي وڏا آهن.

هو ڪيئن جيئو آهي، اُهو سندس چهري مان ڏسي به سگهجي ٿو ته، پڙهي به سگهجي ٿو. سندس مرڪ جي پٺيان لڪل اڻ ڳڻيا ڏک آهن. اهو هڪ عجيب معجزو آهي. هو ڊبل ايم اي آهي، پوءِ به ڪنهن نوڪريءَ کي هن ٺوڪري سمجهي پنهنجي آبرودار مٽي تي نه رکيو ۽ پنهنجي پورهئي کي اهم سمجهيو.

منهنجي لکڻين ۾ ڪيترائي اهڙا حوالا ملي سگهندا، جيڪي هن جي خودداري ۽ پاڻ تي اعتماد واري طبيعت جا شاهد هوندا. اڄ هن جي سڃاڻپ سنڌ ۾ هڪ اهم توڙي غير اهم شخص طور ته آهي ئي آهي، پر سندس هڪ علحدي سڃاڻپ سندس اُهي پٽ به آهن، جيڪي اعليٰ تعليم پرائي، بنا ڪنهن سفارش جي ڪامياب زندگي جي رهيا آهن ۽ عاليشان نوڪريون ڪري رهيا آهن. مان ڪيس وڏي ڀاءُ جو درجو ڏيندو آهيان.

هن کي سموري سنڌ الڳ الڳ حوالن سان ڄاڻي ۽ سڃاڻي ۽ سنڌ جو هڪ طبقو، جنهن کي "اديب" چئبو آهي، اهو هن کي "عظيم سنڌيءَ" جي نالي سان سڃاڻي ٿو ۽ مان اڄ تائين هن کي ادا چئي سڏيندو آهيان، ڇاڪاڻ ته، "ادا" لفظ پيءُ جي برابر وڏي ڀاءُ کي سڏبو آهي ۽ مون کي ياد آهي ته، سائين نور الدين سرڪي، سائين محمد ابراهيم جوئي کي سدائين "ادا" چئي مخاطب ٿيندو هُئو.

ساڳئيءَ پَرِ مان عظيم سنڌي صاحب کي "ادا" چئي مخاطب ٿيندو آهيان ۽ ان ۾ هڪ پنهنجائي محسوس ڪندو آهيان. جيتوڻيڪ سندس ٽيئي پٽ؛ مجيب الرحمان، حبيب الرحمان ۽ شفيق الرحمان مون کي پنهنجي پيءُ جي دوست طور ٽريٽ ڪندا آهن ۽ سندس ٻئي نياڻيون؛ ارم ۽ صنم مون کي چاچا چئي مخاطب ٿينديون آهن ۽ سچ پچ ته هو مون کي پنهنجين ڀنهي ڌيئرن جيتريون وڻنديون به آهن.

ادا، عظيم سنڌي موري ۾ ادب، سياست ۽ سماجي خدمتن جي حوالي ۾ هڪ اهڙو شخص آهي، جنهن جو مثال طور، مان پنهنجي تعلق واري ڪنهن شخص جو نالو ڪڍان، اهو مون لاءِ ممڪن نه آهي. ان کان اڳ سيد علي بخش شاهه، سائين ناصر مورائي ۽ سائين قاضي نذير اهڙين خدمتن ۾ اڳرا مڃيا ويا آهن.

قومي تحريڪ ۽ ادب جي حوالي ۾ راشد مورائي صاحب پوءِ ايندو، ڇاڪاڻ ته هو موري ۾ 1970ع واري ڏهاڪي ۾ آيو ۽ هيءُ شخص بنيادي طور موري جي سماج جو هڪ اهڙو حصو هُئو، جنهن کي ڪڏهن به وسارڻ موري جي وس کان ٻاهر آهي.

ادو عظيم پنهنجين سمورين خوبين ۽ خامين سميت موري جو اهڙو شخص آهي، جنهن پنهنجي عملي زندگيءَ ۾ شخص کان وڌيڪ شخصيت جو مرتبو ماڻيو آهي. منهنجي زندگيءَ ۾ هن جو هڪ الڳ ڪردار آهي. هن مون کي اعتماد سان جيئڻ سيکاريو، هن مون کي لکڻ سيکاريو، اهو چئي نه سگهبو.

ادي عظيم جون موري شهر ۾ جيتريون سڃاڻپون شفي/پازيٽو آهن، اوتريون سڃاڻپون نفي/نيگيٽو آهن، پر اُهي ٻين لاءِ آهن، مون هن جي نفي/نيگيٽو رخن کي به پازيٽيو ڪري ڪنيون آهي، ان ڪري مون کي هن سان سدائين هڪ اهڙي محبت ۽ احترام رهيو آهي، جهڙو پنهنجي دور ۾ جواهر لعل نهروءَ کي مهاتما گانڌيءَ لاءِ هُئو.

ادي عظيم جو ان وقت رتبو هڪ اعليٰ ٽيلر ماسٽر وارو هُئو ۽ مان هاءِ اسڪول مورو ۾ ڇهين درجي ۾ داخلا کان پوءِ شام جو موري شهر ۾ سلائيءَ جو ڪم سکڻ لڳو هوس ۽ اهو به ڪٿي اڳ لکيو اٿم ته، جنهن استاد وٽ مان سلائيءَ جو ڪم سکڻ لڳو هوس، اهو ۽ ادو عظيم، هڪ ئي استاد جا شاگرد هجڻ سبب هڪ ٻئي سان ڪڏهن دلي طور ڪو نه ٺهيا.

جنهن سبب منهنجو ادي عظيم سان هڪ شاگرد طور ڪڏهن به ملڻ ٿيو ته هڪ خوف جي ماحول ۾، ۽ هڪ اديب/شاعر طور ملڻ ٿيو ته اهو به خوف اندر ۾ سدائين رهندو آيو، پر ساڻس دلي ويجهڙائي مون سدائين محسوس ڪئي ۽ اها هن به محسوس ڪئي. هو



جڏهن ته مون سان مليو ته نهايت پنهنجائپ ۽ پيار منجهان. ان پنهنجائي ۽ پيار ڪانئس منهنجي حوالي ۾ ادبي دنيا اندر موري ۾ ڪيترائي ننڍا وڏا امتحان به ورتا، پر هن شخص ڪنهن به موڙ تي مون کي هيٺ ڪِرڻ نه ڏنو ۽ ادنيٰ ٿيڻ کان بچائي ورتو. جيتوڻيڪ منهنجي زندگيءَ جون ڪيتريون ئي لائقيون/نالائقيون هن جي اکين اڳيان آيون هونديون، پر پٺائيءَ جي لفظن ۾:

مُنهنجي مَدايُن جي، جَڏهن ڪَلَ پَريان پيئي،
ڪَڏهن ڪُوسا ڪِين ٿِيا، ڪُو ڏُوراپو ڏِيئي،
سَاجن سَپيئي، مُنهنجون ڍَڪيون ڍَول ڍِلائيون.

۽ هن لاءِ منهنجي محبت ۽ احترام ۾ ڪڏهن به ڪو فرق ڪو نه آيو. زمانو رُنو، پرتو، ڪاوڙيو، هو منهنجي لاءِ اهو ئي عظيم رهيو ۽ آهي. عظيم سنڌي استاد بخاريءَ جو پهريون دوست ۽ پوءِ مداح توڙي حافظ ۽ خاڪي جوئي جو دل گهريو دوست ۽ پوءِ همدرد. هڪ اهڙو همدرد، جنهن جي دوستيءَ ۽ تعلق خاڪيءَ کي نه رڳو هڪ نئين زندگي ڏني، پر نئون جياپو، ساجاهه ادبي فورم ۽ پوءِ ساجاهه ادبي رسالي معرفت ڏنو، جنهن جو هو سدائين پبلشر رهيو آهي.

مان پايان ٿو ته، سنڌ ۾ هڪ اعليٰ شاعر ۽ اديب توڙي وطن دوست دانشور طور سڃاڻپ رکندڙ خاڪي جوئي صاحب کي جيڪڏهن ڪو دلي دوست زندگيءَ ۾ مليو ته اهو، مان فقط ادي عظيم سنڌيءَ کي سمجهان ٿو. مون هن جي سهپ ۽ بردباريءَ کي نه رڳو ڏٺو آهي، پر پرکيو به آهي. ڪڏهن مون کي ائين به لڳو آهي ته، ادي عظيم پنهنجي شخصي لڳ لاڳاپي جي بنياد تي جيترن نوجوانن کي روزگار (جنهن کي نوڪري چئبو آهي) سان لڳايو هوندو، اوترو ڪنهن به موري جي وڏيري توڙي سرمائيدار، ايم اين اي يا ايم پي اي نه لڳايو هوندو. اِهو موري جو سچ آهي. ان جو مثال اِهو آهي جو هن پنهنجي دوست رئيس خان محمد جماليءَ معرفت جيترو موري ۾ سماجي ڪم ڪيو، اوترو ڪنهن جي نصيب ۾ مشڪل آيو هوندو، پر پاڻ ڊبل ايم اي هوندي به، پورهيو ڪندي زندگيءَ کي حقيقي معنيٰ ۽ پورهئي کي حقيقي مرتبو ڏيئي جيئندو رهيو آهي، پر پنهنجي پٽن لاءِ ڪنهن روزگار جي آرزو ڪٽي ڪنهن وڏيري يا دوست کي تڪليف ۾ وجهڻ وارو نه ٿيو آهي. هن جا پٽ پنهنجي لائقي سبب مئرٽ تي نوڪريون ماڻي جيئڻ لائق ٿيا آهن. اها ادا عظيم جي خودداري ۽ شخصي شفافيت هئي، جنهن جو مثال شايد موري جو ٻيو ڪو به شخص ٻڌجي نه سگهي.

مون کي اها به خبر آهي ته زندگيءَ ۾ ڪيترا شخص آهن، جن تي ادي عظيم احسان ڪيا هوندا، پر اڄ اهي شخص اهڙو احساس ڏيارڻ کان وانجهيل آهن ۽ هن شخص ان سڀ کي وري وري نظرانداز ڪري پنهنجي زندگي اهڙي زنده دليءَ سان گذاري آهي جو اڄ به ڪيس ان تي دلي خوشي آهي. ڪا به شڪايت هن جي ويجهو نه آئي آهي ۽ نه ئي هن ڪنهن شخص آڏو ڪو پڇتاءُ اظهاريو آهي. هن سموري زندگي دلي ڏک پرائي به خوشگوار نموني ڪلندي، پوڳ چرچا ڪندي ۽ ٻين کي عزت ۽ احترام ڏيندي گذاري آهي. هن موٽ جي اميد ڪڏهن به نه رکي آهي. هو پنهنجي زندگي پنهنجي اصولن تي جيئڻ وارو شخص آهي.

ادي عظيم جي ادب ۾ پونجي اُهو شاعراڻو ڪتاب آهي، جيڪو "مٽيءَ جي مهڪ" جي نالي سان سنڌس پٽن ڇپايو آهي. ٻيءَ طرح هن الڳ الڳ موضوعن تي ڪيترو ئي لکيو آهي، جنهن کي هو پنهنجون يادگيريون ڪوٺي ٿو. انهن يادگيرين ۾ هڪ اهم ڪتاب اُهو به آهي، جيڪي يادگيريون سنڌس استاد بخاريءَ جي تعلق ۽ ويجهڙائي تي ٻڌل آهن. ٻيءَ طرح سنڌس ڪيترائي لکيل ۽ اڻ ڇپيل ڪتاب جيڪڏهن ترتيب ڏنا وڃن ته، انهن جو انگ به اڌ درجن کن ته پڪ ئي پڪ ٿي ويندو.

مورو جنهن ورهاڱي کان پوءِ الڳ الڳ حوالن ۾ جيڪو مرتبو ۽ مانُ ماڻيو آهي، ان ۾ الڳ شعبن کان ڪنهن نه ڪنهن طرح ادي عظيم جون خدمتون الڳ ڪري نه سگهبيون. شاگرد سياست کان عوامي سياست، ادب، ادبي سنگت، سگا، ملهه ايسوسيئيشن، اشاعتي ادارا، سماجي ادارا ۽ تعليمي ادارا، ڪو به ادارو اهڙو شال هجي، جنهن ۾ ادي عظيم جو رت شامل نه هجي ۽ هو پاڻ ڪنهن به نماءَ کان سواءِ اهي عمل سرانجام ڏيندڙ، سنڌي چوڻيءَ وانگر: "ڪو به ڪم اهڙي ريت ڪجي جو ٻيو هٿ نه ڏسي سگهي."

يارن دوستن سان هڙان توڙي وڙان سات نڀائيندڙ ادو عظيم. موري ۾ هڪڙو ئي ادو عظيم آهي، شايد پٺائيءَ چواڻي، موري جي، "مِٽي اُن خَمير، اَصل هُئي اِيتري." ۽ مان اڄ تائين اها ڳالهه سمجهي نه سگهيو آهيان ته هو پنهنجي دور جو عاليشان ٽيلر ماسٽر هئو. جيڪو پنهنجي والد صاحب محمد يوسف سولنگيءَ جي ڪپڙي جي عاليشان دُڪان تي ويهڻ سبب ئي ٻڌيو. هو پنهنجي چئن ئي پڙهيل ڪڙهيل ڀائرن ۾ ٽئين نمبر تي آهي. سنڌس ٽيئي ڀائر عاليشان نوڪرين ۾ رهيا، پر هن نوڪريءَ کي نه قبولي پورهيت هجڻ پنهنجي شان وٽان سمجهيو. پر سنڌس ڀاءُ ۽ اسان جي عمر ۾ وڏي يارَ، ادا ڪبير ڪانئس ڪڏهن به ڪپڙا نه سبرايا. اهو اعزاز هڪ ٻيرو مون کي ادا ڪبير ضرور ڏنو، ڇو ته هو ڪپڙن پائڻ جو گهڻو شوقين هُئو. منهنجي واسطي وارن ۾ ٻيو اهڙو شخص ڊاڪٽر سليمان سولنگي هُئو.

ادي عظيم جي هڪ غضب جي ڪوالٽي اها آهي ته هن سان ملندڙ ماڻهو سنڌس ڳالهين جي ڳوٺ کان ڪڏهن به ٻاهر وڃي نه سگهندو آهي، پلي هو پويان ڪيترا به ڪم ڪاريون ڇڏي آيو هجي. صبح کان شام ۽ شام کان ورندي صبح تائين هو سنڌس ڳالهين جي ڳهر مان نڪري سگهي، اهو قبول ڪرڻ منهنجي لاءِ ڏکيو آهي. هو ڪيڏي به ڪڙي ڳالهه بنهه مٺي نموني چئي ۽ قبول ڪرائڻ جو هنر ڪمال جو ڄاڻي ٿو. هن جي زندگي جي ڪڙائي اِها آهي، جيڪا هن ڪڏهن به اظهاري نه آهي.

پر اسين جيڪي سنڌس ويجهو رهيا آهيون ۽ قبول ڪيا ويا آهيون، انهن شدت سان محسوس ڪيو آهي، ته هن جن شخصن کي پاڻ هيٺاهون رهي به مٿاهون مرتبو ڏياريو، انهن ڪڏهن به هيٺ نه نهاري ڏٺو ته اسان جي قد جي وڌيل نظر اچڻ ۾ اُهي ڪلها به آهن، جيڪي ادي عظيم جا آهن. هُنن فقط مٽي ئي ڏٺو ۽ ادو عظيم وري اهڙو جو هنن جي قد ماپڻ کان سواءِ ئي زمين کي ڏسي ان جي وزن جو اندازو لڳائڻ ۾ پورو. شخص جو وزن ڪيترو ڳورو هجي، ان کي زمين جي وزن کان ڳورو ته ڪو نه سمجهبو، ڇو ته هن کي آخر زمين جي بار هيٺ ئي دٻجڻو آهي، اها سنڌس آخري سڃاڻپ آهي، سنڌس پهريون سڃاڻپون سڀ عارضي آهن. دائمي فقط عظمت رهڻي آهي، جيڪا عظيم ماڻهن جو نصيب هوندي آهي. ادو عظيم انهن مان هڪ آهي. مون لاءِ ته پڪ ئي پڪ عظيم شخص آهي، جنهن کان انڪاري ٿيڻ مون لاءِ قيامت جو ڏينهن هوندو، جيڪو ڪنهن به طرح اچڻو ئي آهي!

ماڻهن ته ماحول کي قيامت کان اڳ ئي قيامت جهڙو بڻائي ڇڏيو آهي، شايد اهو به انسان خاص ڪري اڄوڪي انسان جو گڏيل الميو آهي، ڇا چئجي؟ ■


# 135 سال اڳ مرزا قليچ بيگ جو لکيل ناول "زينت": نياڻين بابت اسان جي سوچ اڄا ساڳي آهي

پوبِتا ڪماري

ادبي صنفن ۾ ناول هڪ اهم افسانوي صنف آهي، جيڪو ارڙهين صديءَ ۾ لکجڻ شروع ٿيو. ناول اطالوي ٻوليءَ جي لفظ "ناويلا" (Novella) مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ ڪهاڻي يا افسانو آهي. اطالوي کان فرانسيسي ٻوليءَ ڏانهن سفر ڪندي اهو لفظ "ناول" بڻيو. ائين هڪڙين ٻولين کان ٻين ٻولين تائين پنڌ ڪندي اسان وٽ ناول انگريزي ادب مان پهتو. سنڌي ادب ۾ پهريون ناول اُدارام ۽ نول راءِ، سيموئل جانسن جو ناول "راسيلاس" جي نالي سان ترجمو ڪري پڙهندڙن کي ڏنو هو.

"راسيلاس" کان پوءِ سنڌي ادب ۾ ناول لکڻ جي هڪ تحريڪ شروع ٿي، جنهن جو سرواڻ مرزا قليچ بيگ هو. مرزا صاحبَ نه رڳو ٻين ٻولين جا ناول ترجمو ڪري سنڌي ٻوليءَ جي جهوليءَ ۾ وڌا، پر طبعزاد ناول پڻ لکيا. 1888ع ۾ مرزا صاحب سنڌي ادب جو پهريون طبعزاد ناول "دلارام" جي نالي سان لکي ڇپايو، پر سندس ان پهرين طبعزاد ناول تي "داستان" جو رنگ چڙهيل آهي. ان ناول جو پلاٽ قديم دور جي بادشاهي قصن تي مشتمل هئڻ سان گڏ انساني زندگيءَ جي ڳالهين بدران مافوق الفطرت روايتن ۾ رڱيل آهي.






سنڌي ادب جي هن گهڻ پاسائين شخصيت 1890ع ۾ هڪ ٻيو طبعزاد ناول "زينت" جي عنوان سان لکيو، جيڪو سنڌي ٻوليءَ ۾ پهرئين جديد ناول جو مثال بڻيو. 1890ع کان هن وقت، يعني 135 سالن تائين لکيل سنڌي ناول نه رڳو ڪيترين ادبي تحريڪن ۽ لاڙن کان متاثر ٿيو آهي، پر ان ۾ ڪيئي فني تجربا پڻ ٿيا آهن. ناول جي انهيءَ فني سفر جو ذڪر ڪرڻ کان اڳ ۾ سنڌي ادب جي هن پهرين جديد طبعزاد ناول "زينت" جو مختصر جائزو وٺجي ٿو، جنهن کي ڪلاسڪ جو درجو حاصل آهي. ان جي بنياد تي مرزا قليچ بيگ کي جديد ناول نگار پڻ چيو وڃي ٿو.

مرزا صاحب جنهن وقت هي ناول لکيو هو، ان وقت به سنڌي عورت سماج جي فرسوده ريتن ۽ رسمن ۾ جڪڙيل هئي ۽ اڄ به مجموعي طور تي سندس لاءِ حالتون ساڳيون آهن. مرزا صاحب جو هيءُ ناول جڏهن ڇپيو هو، تڏهن ڪجهه حلقن مان اهو آواز اٿيو هو ته، هي ناول "صحت النساءِ" نالي اردو ناول جو اتار آهي، پر مرزا صاحب 1899ع ڌاري "صحت النساءِ" جو ترجمو پڙهندڙن اڳيان پيش ڪري انهن کي لاجواب ڪري ڇڏيو.

ادب جي هر صنف جو پڙهندڙ پنهنجي پنهنجي ذهني پهچ آڌار ان جو جائزو پيش ڪندو آهي. مون سنڌي ادب جي هڪ پڙهندڙ جي حيثيت ۾ هن ناول کي پنهنجي ذهني پهچ آڌار پڙهڻ ۽ پروڙڻ جي جستجو ڪئي آهي ته، هن ناول جون ڪهڙيون خوبيون ۽ خاميون آهن، هن ناول جا ڪهڙا ڪردار پنهنجي ماحول سان ڪيئن نڀائي رهيا آهن ۽ هن ناول جا ڪهڙا مڪالما منهنجي من کي متاثر ڪن ٿا ۽ ڪهڙن مڪالمن کي مون پينسل سان ليڪيو آهي؟

ناول جي ٻولي مرزا صاحب جي دور جي نج نبار سنڌي ٻولي آهي. ان وقت جي ٻوليءَ جي حوالي سان، مثال طور "رشتي وٺڻ" کي "ٻانهن وٺڻ" ۽ موچاري ماڻهوءَ لاءِ لفظ "سڪر" استعمال ٿيل آهي. ناول جي ڪهاڻي ان وقت جي هڪ آسودي گهر جي ڪهاڻي آهي. هن ناول جي مکيه ڪردارن ۾ زينت ڪهاڻي جو مرڪزي ڪردار. هيءَ خانداني نياڻي، پڙهيل لکيل ۽ سگهڙ زال آهي، جنهن جي ڪردار جي ذريعي ناول نگار سنڌي عورت کي نئون نياپو ڏيئي مئل ۽ فرسوده رسمن جي خلاف جدوجهد ڪرڻ تي اتساهي ٿو ۽ ان کي نئين گس ڏانهن وٺي وڃي ٿو.

هن ناول جي شروعات ۾ ناول نگار انهيءَ ڳالهه تي زور ڏئي ٿو ته، هڪ ڇوڪريءَ جي تعليم ڪيتري قدر اهميت واري آهي؟ ناول نگار ٻڌائي ٿو ته، زينت جو پيءُ جڏهن پنهنجي ڌيءُ کي پڙهائي ٿو ته، مٿس ماڻهو کلن ٿا، ٽوڪون ڪن ٿا، پر پوءِ به زينت جو پيءُ پنهنجي ڌيءُ توڙي پٽ کي پڙهائي انهن جو مستقبل سنواري ٿو. زينت سگهڙ سياڻي تڏهن بڻجي ٿي، جڏهن هوءَ مشڪلاتن کي منهن ڏيئي پڙهي ٿي ۽ پنهنجن پختن ارادن ۽ وڏن حوصلن سان زندگي جو سفر ڪٽي ٿي. مون کي زينت جو ڪردار پڙهندي جڳ مشهور ناول "الڪيميسٽ" ياد آيو، جنهن ۾ هڪ هنڌ لکيل آهي ته، "جيڪڏهن توهان ڪنهن مقصد جي لاءِ اٽل بيٺا آهيو، ته پوءِ هيءَ پوري ڪائنات توهان جي مددگار ٿي بيهندي."

هن ناول ۾ زينت کان پوءِ ٻيا اهم ڪردار علي رضا، حامد، زينت جي ماءُ شهربانو، جان بيبي، علي رضا جي ماءُ، محبوب علي زينت جو وڏو پٽ، منصور علي زينت جو ننڍو پٽ ۽ ٻيا ڪردار شامل آهن. مرزا قليچ بيگ صاحب 1890 ڌاري سمجهائي رهيو هو ته، رشتي جو بنياد پيسو ۽ خوشحالي نه، پر اصل پڙهيل لکيل، تميز دار گهر هئڻ لازمي آهي. اهو سمجهايو ويو آهي ته ڇوڪرو ڪنهن ڪڏي ڪرت ۾ نه پيل هجي، ڀلي پنهنجو عزيز نه هجي. زينت جي لاءِ مختلف رشتا اچن ٿا، عزيزن قريبن جون ڳالهيون ٿين ٿيون، پر هن جو رشتو مائٽن ۾ ٿيڻ بدران سنڌس والد جي ويجهي دوست جي پٽ علي رضا سان فقط انڪري ٿئي ٿو ته، اهي ٻئي پڙهيل لکيل ۽ سماج سڌارڪ ڪردار آهن. بهرحال اڄ، هن ناول لکجڻ کان لڳ ڀڳ 135 سال پوءِ به، اسان جو معاشرو ۽ اسان جا رويا اڄا 135 سال اڳ وارا آهن. تنهن ڪري اسان کي خاص طور نياڻين ڏانهن پنهنجي سوچ ۽ روش ۾ تبديلي آڻڻي پوندي. ■

ڳالهه نه وڌيسِ ته وڌن وانگر خاموش ٿي وڃي، جي چوڻ تي اچي ته اڳلي کي پوڳن ئي پوڳن ۾ صفا ڦڪو ڪري ڇڏي

# آڪاش عامر ۽ مان

هڪ دفعي پيروسڻ علي بحر واهه تي ٻڙ جي هيٺان چانهه پي رهيا هياسين. هڪ اڌ ٻيو دوست به موجود هيو. نه ڪيائين هم نه ڪيائين تم، چيائين، ”جوڳيءَ کان پڙهڻ لاءِ ڪتاب گهريا ته شيخ اياز جا ٻه ٽي ڪتاب ڏنائين. جيڪي جوڳيءَ کي شايد پڙهڻ وقت سمجهه ۾ نه آيا هوندا، تڏهن مون کي ڏئي ڇڏيائين.“ مون سندس ڳالهه ٻڌي هميشه جيان مُنهن تي هلڪي مرڪ آڻي چانهه جو وڏي سرڪ ڀري ته مون ڏي نهاري پاڻ به مرڪڻ لڳو.

رحيمداد جوڳي



مون هن کي جڏهن به ڏٺو ته آڪاش عامرئي ڏٺو. ڪلي ته به، آڪاش عامر جي ڳالهائي، ته به آڪاش عامر. گنڀير اهڙو جو ڪا ڳالهه نه وڌيس ته وڌن وانگر خاموش ٿي وڃي. جيڪڏهن چوڻ تي اچي ته اڳلي کي پوڳن ئي پوڳن ۾ صفا ڦڪو ڪري ڇڏي.

هڪ ڀيري چيائين، ”ڪي ناول پڙهاءِ“

مون کي سمجهه ۾ نه آيو ته ڪهڙا ڪتاب ڏيانسِ. پوءِ شيخ اياز جا ڪتاب، جن جون مون وٽ ٻه ٻه ڪاپيون هيون، سي ڏنامانس.

هڪ دفعي پيروسڻ علي بحر واهه تي ٻڙ جي هيٺان چانهه پي رهيا هياسين. هڪ اڌ ٻيو دوست به موجود هيو. نه ڪيائين هم نه ڪيائين تم، چيائين، ”جوڳيءَ کان پڙهڻ لاءِ ڪتاب گهريا ته شيخ اياز جا ٻه ٽي ڪتاب ڏنائين. جيڪي جوڳيءَ کي شايد پڙهڻ وقت سمجهه ۾ نه آيا هوندا، تڏهن مون کي ڏئي ڇڏيائين.“

مون سندس ڳالهه ٻڌي هميشه جيان مُنهن تي هلڪي مرڪ آڻي چانهه جو وڏي سرڪ ڀريو ته مون ڏي نهاري پاڻ به مرڪڻ لڳو ۽ هوا جو هڪ جهوٽو اسان جي مرڪن کي وڏيڪ معطر ڪري ويو.

وري هڪ دفعي نثري نظم جو نرالو شاعر روشن شيخ ، مان ۽ آڪاش عامر خيرپور ۾ گڏ هياسين. سواري: نئين ماڊل جي ڪلٽس هئي. ڪنهن ڳالهه تي مون ٿورو تيز ڳالهايو ته، ان تي روشن شيخ کي چيائين، ”اهو جوڳي نه، ڪار ٿي ڳالهائي، ٻيهر ساڻس گڏ ڪاڏي ڪونه اچبو يا وڃبو.“

اتي ئي حيدرآباد مان خالد راڄپر جي آڪاش کي فون آئي. شيخ اياز جي ميلي جي مشاعري ۾ اچڻ جي دعوت ڏنائينس ته چيائينس، ”جوڳي وٺي آيو ته ضرور اچبو.“

هڪ دفعي خيرپور ليٽريچر فيسٽيول جي دعوت هجي، جتي نثري نظم جي هڪ شاعر پنهنجو ڪتاب ڏنس. پهريان اهو ٿورو پڙهيائين. جڏهن پڙهندي پڙهندي بور ٿيو ته گاڏيءَ جو شيشو هيٺ ڪري ڪتاب دريءَ کان ٻاهر اڇلائي ڇڏيائين. وري ڪجهه مهينن کان پوءِ ان ئي ڪتاب تي هڪ وڏو مضمون لکي فيس بوڪ تي رکي ڇڏيائين، جنهن ۾ ساراهه جا ڍڪ ڀريل هئا.

هونءَ ته سنڌ جي تقريباً سڀني شاعرن سان فون تي هيلو هاءِ پئي ٿيندي آهي، سو هڪ دفعي آسي زمينيءَ سان ڳالهه ٻولهه ٿي ته چيائين، ”نئي ميرواهه، پيروسڻ کان ڪيترو پري آهي؟“

چيومانس، ”آسي پيروسڻ ۽ نئي ميرواهه ۾ ٿورو مفاصلو آهي.“

چيائين، ”آڪاش عامر ۽ تون ملندا آهيو پاڻ ۾؟“

چيومانس، ”هفتي ۾ هڪ ٻه ڀيرا ملي وٺندا آهيون. مان پيروسڻ هليو ويندو آهيان يا هو پاڻ نئي ميرواهه اچي پاڪر پائيندو آهي.“

آسي زمينيءَ چيو، ”آڪاش عامر نظم ۾ منهنجي پسند جو شاعر آهي. منهنجي طرفان پاڪر پائي سلام ڏجانس.“



آڪاش عامر ناليواري شاعر امر اقبال سان گڏ



ساڄي پاسي کان: دريا خان شنباڻي ، آڪاش عامر ۽ رحيمداد جوڳي

واقعي آڪاش عامر جو نظم چا چئجي! پڙهبو رهان جو نمونو ئي پنهنجو ملندو. پڙهي دل ۾ خواهش پيدا ٿيندي ته، ڪڏهن مان اهڙو نظم لکندس. سندس هي نظم پڙهي ڏسو:

”درد پراڻي ماڪيءَ وانگر
دل ۾ ڏک لڳو ته وڏوسين
ڪيڏا خواب اڀرا پنڇي
موٽي ڪونه پُڳا واهيري
تنها پورو اپ پڪاسو!
ڪوئي ڪئنواس به آهي
ماڻهن ڪان خالي سپ تنبو
تن ۾ جهڙا رنگ پرين تون
منهنجو رت پيو آهي پر
ڪوئي رنگ انهي جو ناهي
مان به ته ڪائي هنج ٻڻائي
پورو ديس رڪان ٿو روئي
بک برابر دين پڇي ٿي
اڇلايل ڪاڏن تي ڪهڙي
ٻن ٻارن جي ويڙهه ڪتن جيئن
اڪ اڪ ڪهڙا اڪ نپوڙي
پورو ڏيهه
پڪاسو!
تنهنجي
برش منجهان گذرڻ ٿو چاهي
هر ڏک مان نکرڻ ٿو چاهي.“

سندس وايون جڏهن تاج بلوچ سوجهرو رسالي ۾ ڇاپيون ته سچ ۾ مون کان لکڻ وسري ويو هو. سندس هڪ وائي هتي ڏيان ٿو:

”هٿڙن مان هٿڙا
جيئن جو يار ڇڳا
پوڙها ٿي وياسين!
پنهنجي رشتي جا
هيئن جو هڏ ڀڳا
پوڙها ٿي ويا سين!
وڇڙياسين ته مٺي
ٽورا پل لڳا
پوڙها ٿي وياسين!
ڏار ٿيڻ جي لئي
ويڙهيئي رات وڳا
پوڙها ٿي وياسين!“

آڪاش عامر جو غزل به پنهنجي رنگ ۾ ناصر ڪاظمي وانگر نرالو آهي. سندس هڪ غزل هتي پيش ڪجي ٿو:

”اتي آڪاش! ڇڏ بيزار يارن کي
اڪيلايون پليون آهن تو پارن کي
پڳهر تنهنجي به ڇهري جو پڙهيو ويندو
مگر ورنائبو تنهنجي نه وارن کي

ڪڏهن ڪنهن جام ۾ وهه جي خيانت ٿي؟
ڪڏهن ڪنهن گل ڏنو مهڻو نه خارن کي

دماغن ڏوڙ پئي پاتي دوارن تي
وڃائي وقت ويو ڪيڏانهن ٻارن کي؟

وري توسان نه ايندا سين ترائيءَ تي
وري توسان نه ڏسبو يار تارن کي.


ڪجهه ڏينهن اڳ فيس بوڪ تي امر اقبال جي وال تي آڪاش عامر جي سالگرهه جي پوسٽ رکيل هئي، سو ورندي صبح جو بسم الله اسڪول مان کيس فون ڪيم. پڇيومانس، ”پيارا ڪاٿي؟ مان نئيءَ مان پيروسڻ پيو اچان تنهنجي سالگرهه جو ڪيڪ وٺي.“

چيائين، ”مان خيرپور پيو وڃان، بار جي اليڪشن آهي ۽ ريڊيو خيرپور تي امر اقبال شاعري رڪارڊ ڪرڻ لاءِ چيو آهي، پر ڪونه ويندس.“

چيومانس، ”پوءِ ٺيڪ آهي.“

پاڻ به يڪدم چيائين، ”ٺيڪ آهي ٺيڪ آهي. مهرباني جوڳي مهرباني...“ ■




شاديءَ جي تصوير



”سلسلہ“ ڪان هن يش چوپڙا جي چوڻ تي گيت لکڻ شروع ڪيا ۽ پوءِ پوئتي نہ ڏٺائين. ”ديکا ايک خواب تو يہ سلسلي هوئي“ سان جادو باليووڊ ۾ گيت لکڻ جو آغاز ڪيو. گهڻو لکيائين، پسند بہ ڪيو ويو ۽ معيار بہ برقرار رکيائين. سندس هڪ گيت وڏو هٽ ٿيو، جنهن جا ٻول هئا،”ايک لڙکي کي ديکا تو ايسا لگا....“ ان گيت پنهنجي دور ۾ ڌم مچائي ڇڏي هئي. سادن لفظن ۾ لکيل اهو گيت منيشا ڪوئرالا تي پڪچرائز ٿيو هو ۽ منيشا جي خوبصورتي ان گيت جي ڪشش ۾ وڌيڪ اضافو ڪيو هو. دلچسپ ڳالهہ اها آهي تہ جاويد صاحب اهو گيت ماڌوري ڊڪشت کي ذهن ۾ رکي لکيو هو، ڇاڪاڻ جو ان وقت اها فلم ماڌوري ڪري رهي هئي، پر بعد ۾ فلم منيشا جي حصي ۾ آئي.

# جاويد اختر جو ذڪر شبانہ اعظميءَ ڪانسواءِ اڌورو آهي

**جاويد اختر فلم جو ماڻهو آهي، پر ادب سندس رت ۾ شامل آهي. هو فضل حق خير آباديءَ جو ڏوهٽو، مضطر خير آبادي جو پوٽو، جان نثار اختر ۽ صفيہ جو پٽ، مجاز جو ڀاڻيجو، ڪيفي اعظمي جو ناٺي ۽ شبانا اعظمي جو مڙس آهي. جاويد صاحب ايترو ڪم ڪيو آهي ۽ ڪري رهيو آهي جو ڪيترائي ماڻهو گڏجي بہ ايترو ڪم نٿا ڪري سگهن. جاويد صاحب جي بيگم شبانہ اعظميءَ ڪان جڏهن ڪنهن پڇيو هئو تہ، ”جاويد صاحب تہ وڏا رومانٽڪ هوندا،“ تہ شبانا اعظميءَ جواب ڏنو هو،”جاويد بلڪل رومانٽڪ ناهي. ڪيس رومانس اچي ئي ڪونہ.“ ان تي جاويد صاحب چيو هو، ”ڇا توهان ڪڏهن سرڪس ڏٺو آهي؟ اتي ماڻهو ڪيئن ڪم ڪندا آهن، پر ان جو مطلب اهو ناهي تہ ماڻهو گهر ۾ بہ ڪرتب ڏيکارڻ لڳي.“**




تحرير: ريحان احمد خان
ترجمو: سُڪار جاڪرو

برصغير ۾ اهڙا شاندار شاعر ۽ اديب پيدا ٿيا، جن اسان جي اردو ادب کي، جنهن ۾ فلمي ادب بہ شامل آهي، اڳتي وڌايو. انهن مان هڪ جاويد اختر بہ آهي، جنهن کي ”جادو“ بہ سڏيو وڃي ٿو. اهو جادوءَ جو جادو آهي، جو هو اڄ بہ ايترو ئي مشهور آهي، جيترو شروع ۾ هئو. هاڻي هو فلمي دنيا ۾ گهڻي دلچسپي نٿو رکي، پر فلمون هميشہ ڪيس ويجهيون رهيون آهن.

هو فلم جو ماڻهو آهي، پر ادب سندس رت ۾ شامل آهي. هو فضل حق خير آباديءَ جو ڏوهٽو، مضطر خير آبادي جو پوٽو، جان نثار اختر ۽ صفيہ جو پٽ، مجاز جو ڀاڻيجو، ڪيفي اعظمي جو ناٺي ۽ شبانا اعظمي جو مڙس آهي. ”ديوار“ ۽ ”شعلي“ جهڙين سپر هٽ فلمن جا مڪالما سليم ۽ جاويد جي جوڙيءَ لکيا، ۽ اميتاڀ بچن جي چوڻ موجب، ””ديوار' جهڙو اسڪرپٽ هندستاني سنيما جي تاريخ ۾ ڪڏهن بہ ناهي لکيو ويو.“ اميتاڀ بچن، جيڪو سپر اسٽار آهي، هڪ وقت ۾ مسلسل فلاپ فلمون ڏيڻ بعد پنهنجي ڪيريئر جي شروعات ۾ ئي گندي چندي نڪرڻ جي تياري ۾ هو تہ سليم ـ جاويد جي جوڙي ”اينگري ينگ مين“ جو ڪردار ڪيس ڏئي انڊسٽري کي هڪ باغي قسم جو هيرو ڏنو، جنهن جي اندر ۾ باهہ هئي، جيڪو دنيا جي ناانصافيءَ خلاف ڳالهائڻ ۽ ڪجهہ ڪرڻ چاهيندو هو، ۽ پوءِ اهڙن ئي ڪردارن ليووڊ ۽ اميتاڀ کي ”اميتاڀ“ بنائي ڇڏيو. جاويد اختر واقعي لفظن جو جادوگر آهي. ڪيس ڳالهائڻ بہ تمام سٺو اچي ٿو.

جاويد صاحب يعني ”جادو“ جو اثر ڏسو تہ، هو اڄ بہ هر وڏي ادبي محفل ۾ سڏايو وڃي ٿو. گذريل ڏينهن ۾ بہ ريختہ جي پروگرام ۾ شرڪت ڪيائين ۽ وچ اوپر جي پروگرام ۾ بہ موجود هو. ماڻهو جادو جي ڳالهين جا ديوانا آهن ۽ سندس جادو سر تي چڙهي ڳالهائي ٿو. جاويد صاحب جي گيتن ۾ سادي ٻولي جو استعمال ڪيل آهي. سندس گيت منفرد بہ آهن، دلڪش بہ ۽ رومانوي بہ. فلم جي ڪهاڻيءَ جي مطابق گيتن ۾ تنوع بہ آهي. فلم




جاويد اختر جو والد جان نثار اختر


ان گيت جا ٻول ايترا دلنشين آهن جو ٻڌندڙ ان جي سحر ۾ گم ٿي وڃي ٿو. ان گيت سان لاڳاپيل هڪ ٻيو قصو بہ وڏو دلچسپ آهي. ان گيت جو ميوزڪ آر ڊي برمن ڏنو هو. جڏهن ان گيت جي رڪارڊنگ شروع ٿي ۽ گلوڪار ڪمار سانو اسٽوڊيو ۾ پهتو تہ، سندس ڏاڙهي وڌيل هئي. پنچم دا (آر ڊي برمن) چيو تہ، "تون واپس وڃ، ڇو تہ تنهنجي ڏاڙهي وڌيل آهي، جڏهن تہ هي گيت تمام گهڻو رومانٽڪ آهي، ان لاءِ هڪ خاص موڊ جي ضرورت آهي." ڪمار سانو گهر مان شيو ڪري آيو ۽ پوءِ گيت ڳايائين. ڏسو تہ ان دور جا ماڻهو ڪم جي معاملي ۾ ڪيترا حساس هئا!

جاويد صاحب ايترو ڪم ڪيو آهي ۽ ڪري رهيو آهي جو ڪيترائي ماڻهو گڏجي بہ ايترو ڪم نٿا ڪري سگهن. جاويد صاحب جي بيگم شبانہ اعظميءَ کان جڏهن ڪنهن پڇيو هئو تہ، "جاويد صاحب تہ وڏا رومانٽڪ هوندا." تہ شبانا اعظميءَ جواب ڏنو هو، "جاويد بلڪل رومانٽڪ ناهي. ڪيس رومانس اچي ئي ڪونہ." ان تي جاويد صاحب چيو هو، "ڇا توهان ڪڏهن سرڪس ڏٺو آهي؟ اتي ماڻهو ڪيئن ڪم ڪندا آهن. پر ان جو مطلب اهو ناهي تہ ماڻهو گهر ۾ بہ ڪرتب ڏيکارڻ لڳي."

هڪ پروگرام ۾ شبانہ جي، ٻڌايو تہ، "هڪ ڀيري جاويد صاحب وڏي رومانٽڪ موڊ ۾ هئا. هنن ڪار روڪي، ٻاهر نڪري گلن واري دڪان تان ڪافي گل خريد ڪيا. ڪار ڪي ڀري ڇڏيو ۽ اهي سڀ گل شبانہ جي، کي تحفي ۾ ڏنائون. هاڻي ان کان وڌيڪ ڪو ماڻهو ڪيترو رومانٽڪ ٿي سگهي ٿو؟" پر هتي عمر شريف جو هڪ جملو ذهن ۾ اچي ٿو تہ. هو چوندو هو تہ هڪ عورت چيو تہ، "پيڻ، منهنجا ٻارهن ٻار آهن، پر ڇا ڪريان، ڪڏهن سچو پيار ناهي مليو."

جاويد صاحب جا غير فلمي گيت بہ تمام گهڻو مشهور ٿيا. جهڙوڪ جگجيت سنگهہ جي آواز ۾:

تم کو دیکھا تو یہ خیال آیا
زندگی دھوپ تم گھنا سایا
آج پھر دل نے اک تمنا کی
آج پھر دل کو ہم نے سمجھایا


شبانہ اعظمي پنهنجي پيءُ ماءُ سان گڏ

**ان طرح**

یہ تیرا گھر یہ میرا گھر
کسی کو دیکھنا ہو گر
تو پہلے آکے مانگ لے
تیری نظر میری نظر

جاويد صاحب ۽ شبانا اعظمي ٻئي ادبي گهراڻن سان تعلق رکن ٿا. جاويد صاحب شبانا جي، تي هڪ نظم لکيو آهي، جيڪو وڏي ڪمال جو آهي، جنهن کي هڪ فلم ۾ انو ملڪ پنهنجي سرن ۾ ڳايو آهي:

کتھئ آنکھوں والی اک لڑکی
ایک ہی بات پر جھگڑتی ہے
تم مجھے کیوں نہیں ملے پہلے
روز یہ کہ کے مجھ سے لڑتی ہے

گذريل ڏينهن ۾ جاويد صاحب جي 80هين سالگرهہ ملهائي ويئي. اسان جي دعا آهي تہ جادو جو جادو هلندو رهي ۽ اسان سندس گيتن سان خوش ٿيندا رهون. آخر ۾ اهو گيت جنهن سان تحرير جو آغاز ٿيو:

ایک لڑکی کو دیکھا تو ایسا لگا
جیسے کھِلتا گلاب
جیسے شاعر کا خواب
جیسے اَجلی کِرن
جیسے بَن میں ہِرن
جیسے چاندنی رات
جیسے نرمی کی بات
جیسے مندر میں ہو کوئی جلتا دیا
ایک لڑکی کو دیکھا تو ایسا لگا
جیسے صبح کا روپ
جیسے سردی کی دھوپ
جیسے بینِاکی تان
جیسے رنگوں کی جان
جیسے بل کھائے ریل
جیسے لہروں کا کھیل
جیسے آہستہ آہستہ بڑھتا نشہ
اک لڑکی کو دیکھا تو ایسا لگا■

# ٻاهرين ملڪن جيان اسان وٽ به پرائمري تعليم جي لاءِ هوشيار ۽ تجربيڪار استاد مقرر ڪيا وڃن

پاڪستان ايجوڪيشن اسٽيٽسٽڪس موجب 60 لک ٻارڙا اسڪول وڃڻ کان محروم آهن. انهن جي عمر 5 کان 16 سال آهي، جڏهن ته 54 سيڪڙو ٻار اسڪول وڃڻ جي باري ۾ نه ٿا سوچن ۽ باقي جيڪي اسڪول ۾ داخلا وٺن ٿا، انهن ۾ گهٽ جي عمر داخلا جي حد کان مٿي هجي ٿي. جيڪڏهن اسان پنهنجي ملڪ ۽ معاشري جي ترقي چاهيون ٿا ته حڪومت کي گهرجي ته پرائمري سطح تي جديد تعليم کي عام ڪيو وڃي. گهٽ ۾ گهٽ هر علائقي ۾ هڪ ٽيڪنالاجي تي مشتمل اسڪول قائم ڪيو وڃي ۽ ڀنتي ڀيل علائقن وران اسڪولن ۾ شمسي توانائي جو بندوبست ڪيو وڃي. ان سان گڏ سنگاپور جهڙن ملڪن جيان اسان وٽ به پرائمري اسڪولن ۾ اعليٰ تعليمي يافته ۽ تجربيڪار استادن کي مقرر ڪيو وڃي.



اقراء قمبراڻي

ڪنهن به گهر جي ديوار تڏهن مضبوط ٿي سگهي ٿي، جڏهن ان جو بنياد پختو هجي. بي بنياد يا ڪمزور بنياد وارو گهر هميشه خطري ۾ هوندو آهي. ساڳئي طرح ڪنهن به ملڪ جي معاشي، سماجي، ۽ ثقافتي ترقي سڌيءَ طرح تعليم تي دارومدار رکندي آهي. جيڪڏهن ڪنهن قوم جي تعليم جديد، معياري ۽ مستحڪم هوندي ته اهو ملڪ پڻ ترقيءَ جي راهه تي اڳتي وڌندو رهندو ۽ ان جا رهواسي هڪ شاندار ۽ خوشحال مستقبل ماڻي سگهندا. اهو ئي سبب آهي جو دنيا جا باشعور ملڪ پنهنجي تعليمي سرشتي جي مضبوطيءَ طرف ڌيان ڏئي ان جي بقا ۽ دائميت لاءِ هميشه ڪوشان رهندا آهن، ۽ نت نئين حڪمت عملين ذريعي پنهجي تعليم جي معيار کي بهتر ڪرڻ لاءِ منصوبا جوڙيندا رهندا آهن. خاص طور پنهنجي پرائمري تعليم جي بهتري جي سلسلي ۾ اهي هميشه فڪرمند رهندا آهن ۽ وقت به وقت ان جي طريقن ۽ تدريس ۾ جدت آڻڻ لاءِ نت نوا طريقا ڳوليندا رهندا آهن. هو پرائمري تعليم لاءِ اهڙا استاد مقرر ڪندا آهن، جيڪي اعليٰ تعليم يافته ۽ تجربيڪار هوندا آهن، پر اسان وٽ سلسلو ان جي بلڪل برعڪس آهي.



اسان جي معاشري ۾ اعليٰ تعليم جي اهميت تي ته گهڻو زور ڏنو وڃي ٿو، پر بنيادي تعليم کي هميشه نظرانداز ڪيو وڃي ٿو، جيڪا انتهائي ڳڻتيءَ جوڳي ڳالهه آهي. تعليمي پاليسين ۽ منصوبن ۾ پرائمري تعليم کي اجا تائين ايتري اهميت نٿي ڏني وڃي.



ننڍڙن ٻارن کي پڙهائڻ يا پرائمري استاد هجڻ کي عام طور تي گهٽ حيثيت وارو سمجهيو ويندو آهي، جيڪو رويو نه رڳو عام ماڻهن، پر تعليم يافته ماڻهن ۽ تعليمي شعبي سان لاڳاپيل عملدارن ۾ به ڏسڻ ۾ اچي ٿو. پرائمري اسڪولن ۾ ضروري سهولتون جهڙوڪ ليب، لائبريري ۽ سکيا لاءِ جديد اوزار ۽ طريقا جهڙوڪر اڻلڀ آهن.

پرائمري استاد، جيڪي تعليم جي بنياد کي مضبوط ڪن ٿا، ۽ بنيادي تعليم جي حفاظت لاءِ اهم تصور ڪيا وڃن ٿا، انهن کي به ڪا خاص ميجتا نه ٿي ملي. جڏهن ته، تعليم جي نظام جي مضبوطيءَ ۾ انهن جو اهم ڪردار هوندو آهي. جيڪڏهن نجي اسڪولن تي نظر وجهون ته انٽرميڊيٽ يا مئٽرڪ پاس استادن کي پرائمري ڪلاس پڙهائڻ لاءِ مقرر ڪيو وڃي ٿو، جڏهن ته ننڍن ٻارن کي پڙهائڻ انتهائي اهم ۽ ذميواريءَ وارو ڪم آهي. پرائمري استادن کي لازمي طور تي ٻارن جي نفسيات جي سمجهه، ۽ انهن کي سندن سطح تي اچي سمجهائڻ جو هنر، ۽ تعليمي طريقه ڪار کي دلچسپ بڻائڻ لاءِ تربيت گهربل هوندي آهي. پر تربيت ۽ سکيا به تڏهن ڪارگر ٿي سگهي ٿي، جڏهن پرائمري اسڪولن جو بنيادي ڍانچو مڪمل هجي. اسان جا پرائمري اسڪول ته اڃا تائين پاڻي ۽ صحت صفائي جهڙين بنيادي سهولتن کان محروم آهن.

پاڪستان ايجوڪيشن اسٽيٽسٽڪس موجب 60 لک ٻارڙا اسڪول وڃڻ کان محروم آهن. انهن جي عمر 5 کان 16 سال آهي، جڏهن ته 54 سيڪڙو ٻار اسڪول وڃڻ جي باري ۾ نه ٿا سوچن ۽ باقي جيڪي اسڪول ۾ داخلا وٺن ٿا، انهن ۾ گهٽڻ جي عمر داخلا جي حد کان مٿي هجي ٿي. جيڪڏهن اسان پنهنجي ملڪ ۽ معاشري جي ترقي چاهيون ٿا ته حڪومت کي گهرجي ته پرائمري سطح تي جديد تعليم کي عام ڪيو وڃي. گهٽ ۾ گهٽ هر علائقي ۾ هڪ ٽيڪنالاجي تي مشتمل اسڪول قائم ڪيو وڃي ته جيئن ٻار دنيا سان گڏ هلي سگهن. ڀنتي ڀيل علائقن وران اسڪولن ۾ شمسي توانائي جو بندوبست ڪيو وڃي ۽ استادن کي پروجيڪٽ بيس سکيا ڏيڻ جو پابند ڪيو وڃي. استادن کي گهرجي ته اهي بغير ڪنهن رنگ نسل، مذهب جي تفاوت جي هر ٻار سان برابريءَ جو سلوڪ ڪن.

جيئن سنگاپور جهڙن ملڪن ۾ بهترين ۽ تجربڪار استادن کي خاص ڪري ڳوٺن ۾ ٻارن کي تعليم ڏيڻ لاءِ موڪليو وڃي ٿو. تيئن اسان جي حڪومت کي به گهرجي ته اها اهڙي ڪا پاليسي جوڙي جنهن تحت اعليٰ تعليمي يافته ۽ ماهر استادن کي پري جي اسڪولن ۾ موڪلين ۽ انهن جي لاءِ اچ وڃ جي سهولت جو انتظام ڪيو وڃي ، جهڙي طرح ڪئنيڊا ۾ تجربيڪار استادن کي ٻهراڙين ۾ تعليم کي هٿي ڏيڻ لاءِ فلائينگ ٽيچر پروگرام تحت خاص هوائي جهازن ذريعي ٻهراڙيءَ وارن علائقن ۾ موڪليو وڃي ٿو. اهڙو انتظام شاگردن ۽ استادن: ٻنهي لاءِ ضروري آهي، ڇاڪاڻ ته پري جي علائقن ۾ وڃي تعليم حاصل ڪرڻ ۽ ڏيڻ لاءِ دماغ جو پرسڪون هجڻ ضرور آهي، ۽ اهو تڏهن ممڪن ٿيندو، جڏهن سفري سهولتن جو مناسب انتظام هجي. جيڪي استاد هارڊ ايريا ۾ مقرر ڪيا وڃن، انهن کي همٿائڻ لاءِ سندن پگهارن ۾ ٻين جي ڀيٽ ۾ مناسب واڌارو ڪيو وڃي يا ڪين خاص الائونس وغيره ڏنو وڃي.

مشهور آمريڪي نفسياتي ماهر ابراهم ماسلو 1943 ۾ پيش ڪيل پنهنجي هيمن موٽيويشن ٿيوري ۾ چوي ٿو ته، ماڻهن کي مناسب پگهار، محفوظ ڪم جي جڳهه ۽ پيشوراڻي ترقيءَ جا موقعا ملڻ گهرجن ته جيئن اهي نفسياتي ۽ حفاظتي ڳڻتيءَ کان آجا ٿي، ضرورتن کان مٿانهن ٿي ، تدريسي سرگرمين تي ڌيان ڏيئي سگهن.

هن سڄي بحث مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته پرائمري تعليم ڪنهن به معاشري جي ترقيءَ جو بنياد آهي ۽ ان لاءِ ضرور آهي ته پرائمري سطح تي قابل، تربيتي يافته ۽ ٻارن جي نفسيات کي سمجهندڙ استاد مقرر ڪيا وڃن، ۽ ڪين مناسب پگهار ۽ خاص الائونس ۽ سهولتون مهيا ڪيون وڃن، ته جيئن هو هر قسم جي فڪر کان آجا ٿي پنهنجي منصبي فرضن تي ڌيان ڏيئي پرائمري يا بنيادي تعليم جو معيار بهتر بنائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهن. ■